
سنڌ جي زمين جو حقدار ڪير؟



ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي ۽ ڪامريڈ چو اين لائي پاڪر پائي رهيا آهن



مظهر علي خان ولد کامريڊ حيدر بخش جتوئي "حيدر"

جنهن جـي ولادت ۱۴ فيبروري ۱۹۳۶ع بـروز خميس گهوٽڪي شهر ضلع سکر ۾ ٿي.

۱۹۵۸ع ۾ بي-اي آنرس ۽ ۱۹۶۰ع ۾ ايل-ايل-بي جو امتحان ڏيئي وڪالت شروع ڪيائين.

جون ۱۹۶۵ع کان نيشنل بئنڪ آف پاڪستان ۾ سپروائيزر جي حيثيت سان ملازمت شروع ڪيائين، سال ۱۹۷۰ع ۾ آفيسر مقرر ٿيو. ۱۹۷۴ع ۾ ترقي ڪري بئنڪ جو اسٽاف آفيسر مقرر ٿيو. هن وقت گاڏي کاتم برانچ جو مئنيجر ۽ بئنڪ جي ڏهن برانچن مٿان ايريا مئنيجر پڻ آهي.

مصطفيٰ حيدر جتوئيءَ جي وفات کان پوءِ جيستائين سندس فرزند مجتبيٰ حيدر جتوئي وڏو ٿئي، في الحال ڳوٺ ٻڪو ديرو جتوئي برادريءَ جو ڀڳدار آهي. راڄ پاڪ تي سندس پوري پوري نظر ۽ هٿ آهي، راڄ جا فيصلا وڏي حوصلي، همت، انصاف ۽ ديانتداريءَ سان ڪري رهيو آهي. سندس سڀاءُ بيءُ ۽ پاڻ وانگر آهي. مسڪينن کي فيض ڏيندڙ، سچار، ايماندار، بااخلاق، سخي. فقير طبيعت انسان آهـي، انهيءَ ڪري راڄ پاڳ ۽ دوستن جي حلقن ۾ ڪيس عزت ۽ احترام جي نظر سان ڏٺو وڃي ٿو.

سنڌ جي زمينن جو حقدار ڪير؟

۽

مصطفيٰ حيدر جتوئي

جي

زندگيءَ متعلق معلومات

[سڀ حق ۽ واسطا قائم]

جلد پهريون　　قيمت پنج رپيا　　تعداد هڪ هزار

سنڌ هاري ڪاميٽي

هاري آفيس حيدر چوڪ

حيدرآباد سنڌ

ٻه گالهيون سڄڻ!

بابائي سنڌ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جي وفات ڪان پوءِ پهرين جولائي ۱۹۷۰ع "مجلس-چهلم" جي موقعي تي اسان ٻه ڪتاب پيش ڪري چڪا آهيون. هڪ ڪتاب ۾ ملڪ جي عظيم شخصيتن ولٽان آڏل پيغام ۽ اخبارن جا تاثرات ڏنل آهن. ٻئي ڪتاب ۾ بابائي سنڌ جي عملي زندگي، سڄي تصويرن جي صورت ۾ ڏنل آهي. ليون ڪتاب ۲۵- آڪٽوبر تي بابائي سنڌ جي ولادت واري ڏينهن "جشن- ولادت" تالي ست صفحن ۾ شايع ڪيل آهي. ۽ ڇوٽين ڪتاب ۾ "بابائي سنڌ جي سنڌ لاءِ جدوجهد" جو تاريخي ۽ معلوماتي جائزو پيش ڪيل آهي جيڪو شايع ٿي چڪو آهي.

سنڌ هاري ڪاميٽيءَ طرفان گذريل ورسيءَ ۾ اسان اعلان ڪيو هو تہ هن ڪاڻ پوءِ هر ورسيءَ جي موقعي تي بابائي سنڌ طرفان سنڌ جي ڏار ڏار مسئلن تي لکيل سنڌي ڪتاب ۽ انگريزي پمفليٽن جو سنڌي ترجمون ڇپائي پيش ڪيو ويندو. سنڌ هاري ڪاميٽي پنهنجي انهيءَ ڪيل اعلان جي روشنيءَ ۾ بابائي سنڌ جـو ۲۷ جولاءِ ۱۹۵۷ع تي انگريزيءَ ۾ لکيل پمفليٽ "سنڌ جي زمين جو حقدار ڪير؟" جو سنڌي ترجمون اوهان جي خدمت ۾ پيش ڪري رهيا آهيون، جيڪو اڄ اوهان جي هٿن ۾ آهي. انشاءالله اڳتي ٻ اهو سلسلو جاري رهندو.

بابائي سنڌ جي وڏي فرزند مصطفيٰ حيدر جتوئي جي وفات ٻ ساڻئي مئي مهيني جي ۲۴ تاريخ تي ٿي آهي، اهڙيءَ حالت ۾ اسان ضروري ۽ مناسب سمجهي، مرحوم جي زندگيءَ تي ڪجهہ مضمون، شعر ۽ سندس يادگار تصويرون هن ڪتاب سان گڏ شايع ڪري رهيا آهيون.

بابائي سنڌ جي هن سالياني ڇهين ورسيءَ ۾ جن همدردن، دوستن، احبابن ۽ هاري ورڪرن مالي خواه قلمي تعاون ڪيو آهي. اسان انهن جا نهايت ٿورائتا آهيون.

اُميد اٿر تہ آهي ۽ ٻيا سڀ دوست، احباب، هاري ورڪر هميشه اسان سان ڀرپور تعاون ڪندا رهندا. [مهرباني]

۲۱ مئي ۱۹۷۶ع

نياز مند

ڪامريڊ غلام حسين سومرو

جنرل سيڪريٽري

سنڌ هاري ڪاميٽي

سنڌ جي زمينن جو حقدار ڪير؟

بابائي سنڌ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي طرفان سنڌ جي سرڪاري زمينن جي باري ۾ ٢٧ جولاءِ ١٩٥٧ع تي انگريزيءَ ۾ ڇپيل پمفليٽ جو سنڌي ترجمون "سنڌ جي زمينن جو حقدار ڪير؟" سنڌس هن ڇهين سالياني ورسيءَ جي موقعي اوهان جي خدمت ۾ پيش ڪري رهيا آهيون.

سنڌ هاري ڪاميٽي هميشہ اِن گالهہ تي زور ڏيندي رهي آهي تہ زمين هاريءَ جي هٿ گهرجي، زميندارياڻي سرشتو ختم ڪيو وڃي ۽ انهيءَ جي جاءِ تي هاريءَ کي زمين ڏيڻي ڪاتيدار بنايو وڃي.

ڪجهہ سال اِهي گهرون انقلابي، غير عملي ۽ شرارت تي مبني سمجهيون ويندیون هيون.

پر اها صورتحال هڻي بدلجي چڪي آهي، ۽ حڪومت جي مشينري جا ڪيترائي جوابدار ماڻهو سنجيدگيءَ سان نئين ڪاتيداري واري سرشتي جي وڪالت ڪرڻ لڳا آهن. پاڪستان جي آئين [١٩٥٦ع] جي فقري ٢٩ ۾ چيل آهي تہ "رياست ڪوشش ڪندي تہ:

[الف] عوام جو پلو ٿئي بنا ڪنهن ذات مذهب يا نسل ۽ فرق جي عام ماڻهوءَ جي رهڻ جو درجو اوچو ٿئي ۽ ملڪيت ۽ پيداوار ۽ ورهاست جي ذريعن جي هڪ هٿ ۾ ٿورن ماڻهن جي هٿ ۾ اچڻ کان روڪيو وڃي، جيئن عام ماڻهوءَ کي نقصان نہ پهچي ۽ اهڙو انتظام ڪيو ويندو جيئن مالڪن ۽ ملازمن، زميندارن ۽ هارين جي وچ ۾ انصاف پرور ورتاءُ ٿئي.

[ب] [رياست] اهو انتظام ڪندي تہ زندگيءَ جون بنيادي ضرورتون کاڌو، ڪپڙو، گهر تعليم، دوا درمل اهڙن سڀني شهرين کي ميسر ٿئي، جيڪي هميشہ لاءِ يا ڪوري وقت لاءِ بيروزگاريءَ سبب پنهنجو روزگار نٿا ڪري سگهن ۽ اهڙين ضرورتن ميسر ڪرڻ لاءِ ذات مذهب ۽ نسل جو فرق نہ ڪندي."

تازو ئي حڪومت پاڪستان قومي وسيلن کي ترقي ڏيارڻ لاءِ هڪ رٿا تيار ڪرڻ لاءِ رٿابندي بورڊ مقرر ڪيو آهي. بورڊ جو چيئرمين مسٽر زاهد حسين پاڪستان اسٽيٽ بئنڪ جو سابق گورنر آهي، پنهنجي مڪمل رپورٽ ۾ مسٽر زاهد حسين ۽ سنڌس سائين زرعي ترقي ۽ زرعي سڌارن جي لاڳاپي لاءِ هيٺين ريت لکيو آهي:-

"اسانجي حڪيم سماجي آدرشن مان هڪ حڪيم اصول آمدني ۽ ملڪيت جي برابر ورهاست آهي. آمدنيءَ جي اڻ برابري جيڪا ماڻهن جي قدرتي عقلمنديءَ ۽ فرق جي ڏاڪار آهي ۽ جيڪا سوسائٽيءَ اندر حقيقي ۽ امڪاني خدمات جي بنياد تي آهي سا سماج لاءِ ڪن حدن اندر فائديمند ۽ ضروري آهي .... پر اسان هن راءِ جا آهيون ته جيڪي اڻ برابريون وڏيءَ زميندارياءَ جي بنياد تي قائم آهن سي سماجيءَ طور غير ضروري، نقصانڪار ۽ بي مقصد آهن. اِهي اڻ برابريون ترقيءَ جي رستي ۾ رڪاوٽ آهن. ۽ انهن سببن ڪري غير منصفانه زلدگيءَ جون حالتون ماڻهن جي وڏي تعداد لاءِ پيدا ٿين ٿيون ۽ هنن جي ترقيءَ ۾ رڪاوٽ پڌجن ٿيون، اهي انهن سماجي آدرشن جي خلاف آهن جي آدرش اسان کي پيارا آهن. انڪري عام ماڻهوءَ جي مفاد جي خلاف دولت پيداوار ۽ ورڇ جا ذريعا ڪن ٿورن ماڻهن جي هٿن ۾ گڏ ٿي وڃن ٿا. اسان سفارش ڪئي آهي ته زمين جا حق درست ڪيا وڃن ۽ ان مقصد کي وڏي ۾ وڏي اهميت ۽ اوليت ڏني وڃي. اهو سڀ کان نڪڙو گهرپل سماجي ۽ معاشي سڌارو آهي. ٻهراڙيءَ ۾ زراعت جي ترقيءَ لاءِ اهو پهريون شرط آهي. انهن سڌارن ذريعي اسانجي سماج اندر جيڪي اڻ برابريءَ ۽ بي انصافيءَ جا وڏي ۾ وڏا ذريعا آهن اهي هٽي ويندا. زرعي سڌارا اسانجي سماج جي صحت ۽ طاقت لاءِ بنيادي اهميت رکن ٿا. (جلد ۱ صفحو ۴)

"اسان ڀهر زور ڏيڻ چاهيون ٿا ته زرعي سڌارن جو مسئلو بنيادي ترقيءَ لاءِ بنيادي پڻ آهي. اسانجا ۹۰ سيڪڙو ماڻهو ٻهراڙين ۾ رهن ٿا، ۷۵ سيڪڙو ماڻهن جو گذران زراعت تي آهي ۽ ۶۰ سيڪڙو قومي آمدني زراعت مان پيدا ٿئي ٿي. اڇوڪي زماني ۾ هڪ آزاد پاڪستان آبادي جي هن وڏي حصي لاءِ ڪا معنيٰ تڏهن رکندو جڏهن هنن جي معاشي ۽ سماجي درجو اوچو ٿئي. موجوده حالتن جي خرابي ۽ مسئلي جي اهميت کان انڪار ڪرڻ جي حيثيت ۾ فائدي بدران مورڳو نقصان ٿيندو، اسانجو ملڪ دنيا جي اندر رهي ٿو جا تيزيءَ سان بدلجي رهي آهي ۽ اڳتي وڌي رهي آهي. اسانجو ملڪ هڪ خال ۾ نٿو رهي سگهي. هڪ بدلجندڙ صورتحال ۾ سوچ ۽ عمل ڪرڻ جا پراڻا ڍنگ بيڪار آهن، روايتي سماجي ادارن کي قائم رکڻ لاءِ اڪثر ماڻهو پنهنجي سوچ کي پراڻي ڍنگ تي هلائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن جنهن ڪري هو غلط رستي تي هلن ٿا. خود فريبي جو اهو بدترين نمونو آهي. اسانجو ملڪ وڏي هرج ۾ اوندو. جيڪڏهن اسان انهن قوتن تي نظر نه رکي جيڪي اڳتي ۽ وڌي رهيا آهن. سواءِ اوپر پاڪستان جي- جتي به زرعي سڌارا پوريءَ طرح عمل ۾ نه آندا ويا آهن- زمين جي مسئلي کي هٿ ئي نه لاتو ويو آهي. وقت وڃائڻ نرگهرجي چو ته بيفائده ڪوشش مان ڪجهه به حاصل نه ٿيندو."
(جلد ۱ صفحو ۱۳۷)

چوڌري محمد علي سابق وزير اعظم پاڪستان پنهنجا رايا هيٺين ريت پيش ڪيا آهن:
زراعت جي ميدان ۾ آدرش اهو آهي ته زمين ماڻهن جي وڏي تعداد جي هٿ ۾ هجي جيئن هرهڪ هاري پنهنجي زمين جو مالڪ هجي. اوپر بنگال ۾ زمينداري ختم ڪئي وئي آهي، پر اولهه پاڪستان ۾ اڃا مسئلا کي حل ڪرڻو آهي. زرعي سڌارا هڪ وڏو وسيع مسئلو آهي پر مان پنهنجي راءِ مختصر طرح پيش ڪريان ٿو ته هارين جا حق ۽ زمين تي قبضي جا قانون ڏاهڻ ڪافي نه آهي، بلڪ ضروري آهي ته وڏيون زميندارين ٿورين هجن ۽ زمين جي ملڪيت جي حد مقرر ڪئي وڃي. پيداوار وڌائڻ لاءِ اهو ضروري آهي. پر جمهوريت ۽ سماجي انصاف حاصل ڪرڻ لاءِ اهو قدم پڻهه ضروري آهي." [جلد ۲ صفحو ۱۲۲]

مڱين زمسوار ماڻهن جي راءِ جي روشنيءَ ۾ اها اُميد ڪئي پئي وئي ته جيڪڏهن اولهه پاڪستان ۾ زميندارِي هڪدم يا سولائيءَ سان ختم نه ڪئي وئندي تڏهن به ايترو ضرور ٿيندو ته سرڪاري زمينون هارين کي ڏنيون وينديون.

سنڌ ۾ سرڪاري زمينون ٽن قسمن جون آهن:

۱- سکر بئراج جون اڻ وکرو ٽيل زمينون الڪل ۵ لک ايڪڙ
۲- ڪوٽڙي " " " " " ۵ لک ايڪڙ
۳- ڪچي جون زمينون جنهن ڪارو ڪريڪٽ به شامل آهي " ۶ لک ايڪڙ

سنڌ جا هاري اُميد ڪندا رهيا ته ڪوٽڙي براج جون زمينون ڪين هارپ گرانٽس جي بنياد تي وڏي انداز ۾ ڏنيون وينديون، جنهن سرشتي هيٺ مالڪاڻ (زمين جي قيمت) ۱۵ کان ۲۰ قسطن ۾ وصول ڪئي وئندي آهي.

۱۹۵۴ع ۾ سنڌ جي وزير اعليٰ مسٽر عبدالستار پيرزادي انجام ڪيو هو ته سندس حڪومت سنڌ جي هارين کي ۶ لک ايڪڙ زمين هارپ گرانٽس جي شرطن تي ڏيندي. پيرزادي ڪي مرڪزي حڪومت مڱين بيان بعد ون يونٽ جي مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ بسمس ڪري ڇڏيو. مسٽر کهڙو جنهن وقت پيرزادي جو جاءِ نشين ٿيو ان انجام ڏنو هو ته ڪوٽڙي بـراج جي ۳ لک ايڪڙ زمين، بي زمين هارين کي ڏني وئندي؛ هن هڪ لک ايڪڙ زمين ملتري وارن کي به ڏيڻا ڪيا. اهڙو بيان هن ڪوٽڙي بئراج جي رسمي افتتاح جي موقعي تي ڪيو.

تنهن کانپوءِ آڪٽوبر ۱۹۵۵ع ۾ ون يونٽ ٿهيو جو مرڪز جي پنجابي ليڊرن سنڌ جي مٿان مڙهيو جي پنجابي ليڊر ڪنهن خاص ذهانت جا نمائنده نه هئا.

نتيجو اهو ئي نڪتو جنهن جي توقع ڪرڻ ڪپندي هئي، سنڌي هارين کي زمينون ڪونه مليون، جيڪڏهن ون يونٽ جي حڪومت هلندي هلي ته سنڌ جي هارين ۽ سنڌ جي عام ماڻهن لاءِ ان مان ڪا اُميد نه رکڻ گهرجي. ون يونٽ ٺاهڻ لاءِ دعويٰ ڪئي وئي هئي ته آهو پوئتي پيل علائقن ۽ پلٽي پيل ماڻهن جي ترقي لاءِ ٺاهيو ويو آهي، پر هيءُ آهي طريقو جنهن سان سنڌ جي هارين جي مدد ڪئي ٿي وڃي ۽ ڪين ترقي ڏياري ٿي وڃي!

عام ماڻهن ۽ هارين طرفان وقت بوقت گهر ٿيندي رهي آهي ته ڪوٽڙي بئراج جـون زمينون بنا ڪنهن دير جي بي زمين هارين ۾ ورهايون وڃن، پر اختياريءَ وارن جـا ڪن هوڙا آهن، اکيون بند آهن ۽ دليون رحم کان خالي آهـــن سندن چُپ مجرمانه ضمير جي نشاندهي ڪري رهيا آهن.

ون يونٽ بل تي قومي اسيمبلي اندر بحث هلندي ون يونٽ جي ناهيندڙن مـان هڪ، ميان ممتاز دولتانه هيٺين ويت تقرير ۾ چيو هو: "هاڻي سائين، سنڌ جي زمينن جي نيڪال لاءِ ڪهڙو طريقو ٿيندو؟ انجو حل منهنجي سمجهه مطابق اهو آهي ته سنڌ جون ٻيون زمينون جنهن وقت آبادي لائق ٿين ته ڀرين، ۽ جيڪڏهن ضروري سمجهيو وڃي ته بلڪل سنڌي ماڻهن کي ڏنيون وڃن، بشرطيڪ اهي ماڻهو بي زمين هجن، هنن زمينن پاڪستان جي آئيندہ خوشحالي لاءِ

وسيع امڪانات پيدا ڪيا آهن، آهي زمينون سنڌي ٻي زمين هارين کي ڏيڻ کپن، جنهن وقت هر هڪ مقامي هاري يا زمين ٽي وڃي تنهن بعد به جيڪڏهن ڪا زمين بچي ٿي ته اها ٻين صوبن جي ماڻهن ۽ شهرين کي ڏيڻ کپي. پر ان لاءِ به اهو شرط هڻڻ گهرجي ته آهي ٻين صوبن جا رهواسي ٻه اهڙا هجن جيڪي ٻي زمين هاري هجن، تنهنڪري صاحبو، سنڌ جي مسئلن کي اوليت رهندي، اهي ماڻهو جن کي مدد جي گهرج آهي ۽ اهي جن جي هيءَ زمين آهي تنهجي مسئلن کي اوليت ڏني ويندي ۽ نه ٻيٽوڙي "وڏيرن" کي. هي زمينون، زمين تي هر ڪاهيندڙ کي ڏنيون ويندیون، زمين پهريائين انهن ۾ ورهائي ويندي ۽ جڏهن هو پوريءَ طرح ڏاڍجي ويندا، تنهن کان پوءِ باقي رهيل زمينون اهڙن ماڻهن کي ڏنيون ويندیون جيڪي سنڌ جي غريبن جهڙا ئي غريب آهن ۽ نه سنڌ جي دولتمندن کي. تنهن کانپوءِ زمينون سرحد جي قبائلي علائقن جي ٻي زمين ماڻهن کي ڏنيون وڃن، آنهن ٻي زمين ماڻهن کي سنڌ جا ماڻهو پنهنجي وچ ۾ ڏسي آڇيان ڪندا ۽ ايتري محبت ڏيندا جيتري هو پنهنجي "وڏيرن" کي نه ڏيندا آهن. (بحث مباحثه سرڪاري رپورٽ جلد ۱ صفحو ۳۶۰)

مسٽر مشتاق احمد گرماني چيو: "اولهه پاڪستان جي انتظاميه ڪائونسل اعلان ڪيو آهي ته نيون آباد ٿيندڙ زمينون پهريائين سنڌ جي ٻي زمين هارين ۾ ورهاوون ويندیون ۽ وڌيڪ زمين جيڪڏهن ڪا بچي ته ٻين علائقن جي ٻي زمين هارين کي ڏني ويندي. (بحث مباحثه سرڪاري جلد ۲ صفحو ۸۰۶)

سنڌ جي هاريءَ جو مسئلو ايترو نه صاف سٿرو آهي جو ان لاءِ دولتاني ۽ گرمانيءَ جي تقريرن مان حوالا ڏيئي ان کي پيش ڪرڻ جي ضرورت ئي آهي، سنڌ جي هارين جو ڪيس انساني حقن جي بنياد تي ٻڌل آهي ۽ سماجي انصاف جي اصولن تي ٻڌل آهي، ۽ سچيءَ جمهوريت جي بنياد تي ٻڌل آهي. سنڌ جا ڪيترا لک هاري غلامي، ذلت ۽ مصيبت ۾ گذاريندا رهن ۽ ڪين زمين نه ملي ۽ سنڌ جون زمينون سنڌ کان باهر رهندڙ ماڻهن کي ڏنيون وڃن ـ هيءَ ڪاڙهه غلط ظالمانه ۽ انصاف جي خلاف آهي، افسوس آهي ته اهو ظلم ڪا غير ملڪي يا سامراجي طاقت نه ڪري رهي آهي پر خود اسانجي ملڪ جا ڪي ماڻهو ڪري رهيا آهن جن عوام جي نالي ۾ حڪمرانيءَ تي قبضو ڪيو آهي ۽ هو پنهنجو پاڻ کي عوام جا چونڊيل ۽ نمائنده رهنما سمجهي رهيا آهن.

عوام سان هيءَ دوکو گهٽو وقت نه هلي سگهندو ۽ ان جا خوفناڪ نتيجا هنن ظالمن کي ڏسڻا پوندا. هڪ قسم جي اندروني بينڪيت هن ملڪ اندر رائج ٿيڻ جي ڪوشش ٿي رهي آهي، جنهن لاءِ هوشياريءَ سان ڪوڙا نعرا ايجاد ٿيا آهن ته "هتي نسل سنڌي آهي، نه پٺاڻ، نه پنجابي، نه بلوچ" هتي فقط پاڪستاني آهن، هي نعرا سنڌين کي زمينن کان واڌجڻ ۽ سنڌي هارين کي دائمي غلاميءَ ۽ ذلت ۾ رکڻ لاءِ ايجاد ڪيا ويا وڃن.

هاري سجاڳ ٿي چڪو آهي ۽ هو ملڪ جي قدرتي دولت ۾ پنهنجي اهميت ۽ انداز آهر پنهنجو حصو گهري ٿو.

سرڪاري زمينون قوم جي ملڪيت آهن، اهي قوم جي اُن حصي جي ملڪيت آهن جيڪو زمين تي پورهيو ڪري ۽ قوم کي ڪارائي ٿو، جيڪو قوم کي ڏيڻ لاءِ ڪجهه پيدا

ڪري ٿو ۽ جيڪو صنعتن لاءِ خام مال پيدا ڪري ٿو. جن جي عيوض ۾ ٻاهران درآمد ٿئي ٿي هارين کي اهي زمينون نه ڏيڻ ۽ اهي زمينون نيلام ذريعي وڏ ۾ وڏ آڇ ڏيندڙ دولتمندن کي ڏيڻ سان ملڪ ۾ نوان زميندار پيدا ٿي ويندا جڏهن وقت جو آواز پوري زميندارِي سرشتي کي ختم ڪرڻ لاءِ آهي.

غيرآباد ضبط ٿيل زمينون (نوبت هيٺ آيل زمينون)

جڏهن سنڌ بمبئي صوبي جو حصو هئي تڏهن بمبئي سرڪار جو حڪم هو ته جيڪڏهن ڪوبہ زميندار ڪوبہ سروي نمبر پنجن سالن تائين لاڳيتو آباد نڏو ڪري ته هن کي پنجين سال سرڪاري ڀل ڏيڻ گهرجي جيتوڻيڪ زمين غيرآباد هجي. رواجي طرح اها ڀل زمين آباد ڪرڻ کانپوءِ ڏيڻي پوندي هئي. پر جيڪو زميندار پنجين سال اها "غيرآباد" ڀل نه ڏيندو هو ته اهو سروي نمبر حڪومت وٽ ضبط ٿي ويندو، انهن حڪمن هيٺ حڪومت ڪيترين زمين جون وڏيون ايراضيون قبضي هيٺ آنديون.

مٿان حڪم آپيشاهي قسم جا هئا جو ته اڪثر حالتن ۾ زمين آباد نه ڪرڻ جو بنيادي سبب پاڻي جي ڪوٽ ۽ ٻيا قدرتي اثر سبب هئا، جيڪي زميندار جي قبضہ قدرت کان ٻاهر هئا ۽ نه وري حڪومت ۾ اهڙين ضبط ٿيل زمينون آبادِيءَ هيٺ آڻي سگهي، نه سرڪاري ضابطي هيٺ اهي زمينون آباد ٿيون ۽ نه وري ٻين بهتر زميندارن کي اهي ڪرو ڪيون ويون، اهي زمينون خانگي ملڪيت مان نڪري حڪومت جي قبضي ۾ آنديون ويون.

۱۹۳۲ع ۾ سکر بئراج کوليو ويو تڏهن زميندارن غيرآباد ضبط ٿيل زمينون واپس اصل مالڪن کي ملڻ لاءِ گهر ڪئي. چوته پاڻي ميسر ٿيڻ سان زميندار انهن زمينن کي آباد ڪري سگهيا ٿي، جيڪي اڳي غيرآباد ٿي ويون هيون. ۱۹۳۲ع ۾ بمبئي سرڪار پنهنجا اهي حڪم غيرآباد زمينن بابت واپس ورتا. چاڪاڻ ته زميندارن جو ڪيس ضبط ٿيل غيرآباد زمين جي باري ۾ مضبوط هو ۽ بمبئي سرڪار ضبط ٿيل غيرآباد زمينون اصل مالڪن ۽ سندن ورثن کي واپس ڏيڻ لاءِ حڪم ڪيا. اهڙين زمينن جي حقدارن لاءِ فقط ۾ شرط هئا هڪ ته مقرر تاريخ تائين هنن کي درخواست ڪرڻي هئي ٻيو ته ايڪڙ پٺيان ۱۵ روپيہ مالي ماتر مالڪاڻ ادا ڪرڻو هو. اهڙي طرح هزارين ايڪڙ زمين اصل مالڪن کي موڪلي ملي.

غيرآباد ضبط ٿيل زمينون جيڪي سکر بئراج تي هيون سي ته اصلي مالڪن کي موڪلي ملين، ڪوڙي براج تي اهڙيون (ضبط ٿيل غيرآباد) زمينون سنڌ گورنمنٽ جي قبضي ۾ هئڻ سبب اڄ اولهہ پاڪستان سرڪار جي قبضي ۾ آهن. سنڌ جا ڪاشتڪار توقع ڪن ٿا ته جيڪي حق هنن بمبئي سرڪار جي هندو اڪثريت واريءَ حڪومت کان حاصل ڪيا هئا سي هاڻوڪي مسلمانن جي حڪومت ۾ کين ڏيندي.

هن سلسلي ۾ اولهہ پاڪستان حڪومت کي ڪيترائي عريضا ڪيا ويا آهن پر اصلي مالڪن کي ڪجهہ به نه ڏنو ويو آهي ڇو جو لاهور حڪومت سنڌين کي خواه اهي زميندار هجن يا هاري زمين ڏيڻ لاءِ تيار نه آهي.

هيءَ غير آباد ضبط ٿيل زمينون ۽ ين قسمن جي مالڪن جون آهن، هڪڙا وڏا زميندار يا نندا ڪاتيدار جنجي زمين ڏهه ويهه يا پنجاه ايڪڙ هئي، اها پاڻي نه هٿ ڪري غيرآباد رهي ۽ حڪومت اها ضبط ڪري ڇڏي.

سنڌ هاري ڪاميٽي وڏن زميندارن جي ترجمان نه آهي. اهي پنهنجا حق واسطا اختياريءَ وارن کان پاڻ گهري سگهن ٿا ۽ پاڻ ٿي فيصلو ڪرائي سگهن ٿا. پر سنڌ هاري ڪاميٽي سنڌ جي سر زمين تي چاولن جي نائيد ڪري ٿي. سنڌ هاري ڪاميٽي جو مکيه واسطو نندن ڪاتيدارن ۽ هاري مالڪن سان آهن جنجون زمينون بمبئي سرڪار جي ٽوبت واري قانون هيٺ ضبط ٿي چڪيون هيون، هاڻي جڏهن ڪوڙي بٿراج جو پاڻي انهن زمينن لاءِ موجود ٿي چڪو آهي تہ هو اهي ضبط ٿيل زمينون اصل مالڪن کي موٽي ملڻ کپن. انهن ماڻهن کان نالي ماتر مالڪاڻو ۱۵ روپيه في ايڪڙ ،ٿي سگهجي ٿو جيڪي سکر بٿراج جي زمين پابت ٿيو هو. جيڪي تہ اهڙن نندن ڪاتيدارن جي ضبط ٿيل زمين جو انداز الڪل ۴ هزار يا ۵ هزار ايڪڙ ٿيندو. (ڪوڙي براج جي ۱۲ لک ايڪڙ زمين منجهان) ان لاءِ حڪومت جلد اعلان ڪري، اها زمين اصل مالڪن کي واپس ڏئي. اها زمين واپس ملڻ بعد جلد آبادي هيٺ اچي سگهندي ۽ اناج جي پيداوار ۾ وڌي سگهندي.

فوجي گرانٽون

ملڪ جي حفاظت لاءِ ڪيل خدمتن عيوض فوجي آفيسرن ۽ ين کي زمينون ڏيڻ جو رواج ڪيترن ملڪن ۾ عام آهي، ڪوبہ شهري فوجين کي ملڪي خدمات جي عيوض اهڙيون سهوليتون ڏيڻ ۾ ارهو نہ آهي. پر هيءَ حالت ۾ رشوتخوري عام ٿيندي جنهن سان ملڪ کي اڻپتي هلي نقصان ٿيندو.

تازو اسان مٿي ۱۸۵۷ع جي آزاديءَ جي جنگ جي ۱۰۰ ساله ورسي ملهائي آهي جنهن آزاديءَ جي جنگ کي انگريزن بغاوت يا بلوو جو نالو ڏنو آهي. هن "بغاوت" ۾ اسان جي ڪيترن ڏيهي سپاهين غيرن جو طرف ورتو ۽ ۱۰۰ سالن تائين ملڪ کي غلام رکڻ ۾ حصو ورتو. اسان کي زمينون اهڙن فوجي ماڻهن جي اولاد کي ڏيڻ گهرجن جن ملڪ جي آزاديءَ ۽ عزت لاءِ جانيون ڏنيون هجن.

۱۹۵۴ع ۾ ڪوڙي بٿراج جي افتتاحي رسم ۾ محمد ايوب کهڙو سنڌ جي وزير اعليٰ خوشامد طور رٽ پوش ڪئي تہ ڪوڙي براج جو نالو "غلام محمد بٿراج" رکيو وڃي جيتوڻيڪ مسٽر غلام محمد جو هن بٿراج جي رٿابندي، اڏاوت ۽ خرچ سان ڪوبہ تعلق نہ آهي.

هيءَ اهوئي ماڻهو آهي جنهن ون يونٽ کي سنڌ مٿان مڙهيو. سنڌ جي روح سان اهڙا غداري ٿيندي تہ هن عظيم بٿراج جو نالو غلام محمد جهڙي زندگي ۽ آزاديءَ کي تباه ڪندڙ شخص جي نالي سان رکيو وڃي.

ڪوڙي بٿراج جو نالو موزون ٿيندو تہ حيدرآباد بٿراج رکيو وڃي جو هڪ تاريخي ۽ وڏو شهر آهي. دنيا جا سڀ وڏا بٿراج شهرن جي نالي پٺيان آهن جهڙيءَ طرح سکر، اسوان،

نيپرو، پيٽرو ويسڪ وغيره.

ان موقعي تي غلام محمد ۽ کهڙي اعلان ڪيو هو ته ڪوڙڙي بئريج تـي آباد ٿيندڙ زمين مان ۳ لک ايڪڙ زمين سنڌ جـي هارين لاءِ مخصوص رکيا ويندا ۽ ۱ لک ايڪڙ زمين ملٽري وارن کي ڏني ويندي.

ڪوڙڙي بئريج جو پاڻي في الحال ۲ لک ايڪڙ زمين لاءِ واهن ۾ پاڻي چڏيو ويو آهي. پر هارين کي هڪ به ايڪڙ زمين نه ڏني ويئي آهي. هوڏانهن فوجين کي هزارين ايڪڙ زمين ڏني وئي آهي. امريڪي امداد مان حاصل ڪيل بلڊوزر ۽ ٽريڪٽر انهن زمينن کي ناهي هموار ڪري آبادي‌ءَ لائق بڻائي رهيا آهن. اسان جو ڪمانڊر انچيف جنرل محمد ايوب انهن زمين حاصل ڪندڙن مان چوڻي‌ءَ تي آهي ۽ سندس زمين کي ناهڻ لاءِ امريڪي امداد پوري زور ۽ شور سان ڪتب اچي رهي آهي.

سنڌ هاري ڪميٽي آواز اٺاريندي رهي آهي تـه ڪوڙڙي بئريج جـون زمينون ٻي زمين هارين ۾ تقسيم ٿيڻ گهرجن، هزارين درخواستون ڪنڊڙ ڪوڙڙي بئريج جي زمين ورهائيندڙ روينيو آفيسر کي ٽي چڪيون آهن. آباهي اختياري‌ءَ وارن جي چوڻ موجب ته پاڻي زيان ڏي رهيو آهي چو ته زمين آبادي‌ءَ لاءِ ماڻهن کي ڪانه ڏني وئي آهي.

ڪچي جـــون زمينون

اسان جو سنڌو درياه پنهنجي پورالي سياڻ لاءِ مشهور آهي. اهو پنهنجا رخ متائيندو رهندو آهي جنهن ڪري سڀيون آباد زمينون ڪنهن وقت درياه جي پيٽ ۾ هليو ويندڙن آهن ۽ ڪن زمينن کي ورې درياه چڏي ويندو آهي اهڙيون زرخيز لٽ سان پريل آبادي‌ءَ لائق ٿي پوندڙون آهن. درياه جي انهن قير قارين ۾ گهٽي زمين، زميندارن جي درياه پاڻي ويندو آهي. سرڪار هميشه سوچيندي آهي ته جيڪڏهن زميندار جي ڪا زمين درياه پاڻي وڃو آهي ته هنڪي بنا عيوضي درياه مان حاصل ڪيل ڪچي جي زمين ڏيڻي سگهجي ٿي. ٻي سموري زمين درياه جي ٻنهي پاسي تي سرڪاري ملڪيت آهي.

سنڌ هاري ڪميٽي هميشه گهر ڪئي ته ڪچي جون زمينون مڪاني هارين کي ڏنيون وڃن جي انهن کي الاج آپاڻن لاءِ ڪتب آڻي سگهن ٿا.

هن وقت ٽائين تمام گهڻيون ڪچي جون ايراضيون ڪامورن جي مدد سان وڏا زميندار کوڙن حقن جي بنياد تي هضم ڪري وڃن ٿا. اهي زميندار اهڙين زمينن کي پوري‌ءَ طرح ڪم ۾ نه آڻي سگهندا آهن ۽ نه وري اهي زمينون ٻي زمين هارين کي ڏيڻ لاءِ تيار آهن، ۱۹۵۲ع ۾ سنڌ سرڪار هڪ سرڪيولر نمبر ۷۴۸۵-ايف ۵۱/۵ مورخه ۲۴ ڊسمبر ۱۹۵۲ع ڪڍيو هو، جنهن مطابق ڪچي جي زمين ورهائڻ لاءِ ڪليڪٽرن کي حڪم ڏنو ويو هو ته نئين پاليسي اختيارن ڪن- ان مان هيٺيان حوالا ضروري آهن:

"سرڪاري پيلن وڌائڻ جي عام پاليسي کي خيال ۾ رکندي حڪومت فيصلو ڪيو آهي ته ڪچي جي زمينن کي نيڪال ڪرڻ ۾ ٻيلي ڪاٽي وارن کي ترجيح ڏني ويندي ته هو چونڊ

کچي وارا علائقا پاڻ لاءِ مخصوص ڪن".

"پيلي ڪاني جي گهر پوري ڪرڻ بعد باقي رهيل ڪچي جون زمينڊو هيٺين ريت نيڪال ڪيون ويندیون.

[الف] پهرياڻين انهن زميندارن جون گهرون پوريون ڪيون ويندیون جيڪي ساڳي ديهه ۾ درڀا خوردي جا حق رکن ٿا. اهڙن ڪاشتڪارن کي آبادیءَ لائق قبولي زمين لاڳيتن بلاڪن ۾ ڏيڻ گهرجي.

"[ب] ڪاشتڪارن جا درڀا خوردي حق پورا ڪرڻ بعد باقي رهيل زمين هارين يا ننڍن ڪاشتڪارن کي ڏيڻ گهرجي ۽ ڪنهن به ڪاشتڪار يا هاريڪي ويهن ايڪڙن کان وڌيڪ زمين ڏيڻ نه گهرجي. ننڍي ڪاشتڪار مان مطلب ۱۰۰ ايڪڙن کان وڌيڪ ملڪيت نه رکندڙ زميندار هوندو.

"نوٽ - ڪچي ۾ ڪنهن به زميندارکي فقط مهاڳ جي بنياد تي ترجيح نه ڏني ويندي."

مٽيون سرڪيولر پير علي محمد راشدي جڏهن سنڌ سرڪار جو روينيو وزير هو تہ ان حد تائين انڪي ڦيريو ويو جنهن مطابق ڪاري ٽربيونل جون زمينون هارين کي نه ڏيڻ لاءِ چيل هو. اها تبديلي پير علي محمد راشدي پنهنجي هڪ مقامي زميندار دوست کي فائدي ڏيڻ لاءِ ڪئي هئي، جنهن زميندار نه پئي چاهيو تہ هارين کي زمين ليس تي ڏني وڃي.

بدقسمتي اها آهي تہ جيستائين هارين جو تعلق آهي تہ مٽيون سرڪيولر عملي جي شرارتن سبب ڪارو ٽربيونل تہ ڇهوو ان کان پاڻ به بيڪار رهيو آهي ۽ ان تي عمل ڪونہ ٿئي ٿو.

دادو تعلقہ مان اهڙيءَ شرارت جو هڪڙو مثال ڏيئي سگهجي ٿو. هتي ڪي سال اڳي به سو هارين کي ويهہ ايڪڙ في هاريءَ جي حساب سان مٽين سيولر موجب زمين ڏني وئي. هنن جهنگ صاف ڪيو زمين هموار ڪيائون ۽ فصل پوکيائون ان ڪري هارين ۾ خوشحالي ۽ اناج جي پيداوار وڌي ۽ سرڪار لاءِ ڏل به وڌي.

پر مڪاني زميندارن جي نظر اهڙي تيار ڪيل هارين جي زمين تي پيئي. هنن مڪاني مختيارڪار مسٽر عبدالڪريم منگي سان ساز باز ڪئي (هيءَ عبدالڪريم منگي هڪ دفعو سرڪاري نوڪريءَ مان بدسمس ٿي چڪو آهي ۽ خدا ٿو چاڻي ڪيئن وري ان جاءِ تي پهتو آهي).

زميندارن درخواست ڏني "منهنجو ڏاڏو الف درڀا خورديءَ زمين تي ڪيهن ايڪڙن جو حق رکندو هو، هو مري ويو ۽ اهڙيءَ طرح منهنجو پيءُ به مري ويو جنهن هيٺيان وارث ٻ کان ي تائين ڪيهہ چٽا چڏيا."

اهڙيءَ طرح هرهڪ وارث جن ۾ صغير چوکرا ۽ چوکريون به شامل هئا زمين جي گرانٽ لاءِ مختيارڪار کي درخواست ڏني. ظاهر آهي تہ هر وارث هڪ ايڪڙ جو حقدار هو، چو تہ ڏاڏي جي ۳۰ ايڪڙن لاءِ ۳۰ وارث هئا، پر جيئن تہ هڪ ايڪڙ مٽين سرڪيولر مطابق غير اقتصادي هولڊنگ هئي تنهن ڪري مختيارڪار هر ايڪڙ ۾ ۱۰-۱۹ ايڪڙ ملائي هر وارث کي ويهہ ايڪڙ پورا ڪري ڪچي جي زمين ڏني ۽ اهڙيءَ طرح ڪيهن ايڪڙن جي عيوض سمورن وارثن کي ويهہ ايڪڙ في وارث جي حساب سان ۶۰۰ ايڪڙ عطا ڪئي وئي.

مٿئين حڪم خلاف هارين اپيليون ڪيون آهن، پر جڏهن اپيلن جو فيصلو ٿئي! ۽ ڪهڙي

خبر ته انهن اپيلن جو فيصلو انهن هارين جي حقن ۾ ٿيندو؟

جيڪڏهن هر وارث کي هڪ ايڪڙ ڏيڻ سان هولڊنگ زمين غير اقتصادي ٻڌي ٿي ته صحيح طريقو اهو ٿئي ها ته گهر رد ڪجي. ان عيوض آباد ڪندڙ حقيقي هارين جن زمين کي سڌاريو هو، انهن جي زمين کسي اهڙن زميندارن کي ڏني وئي جن کي وڌيڪ زمين تي ڪوبه حق نه هو.

هيءَ آهي طريقو جنهن سان اسانجي ليڊرن طرفان غريب هارين لاءِ وضع ٿيل پاليسيءَ تي سرڪاري مشينري عمل ڪري ٿي!

اسانجا زميندار دليل ڏين ٿا ته جيڪڏهن سرڪاري زمينون بي زمين هارين ۾ ورهايون وڃون ته سندن زميندارين زمينون ڪير آباد ڪندو؟ زميندار چاهين ٿا ته بي زمين هاري هميشه لاءِ سندن غلامي ۾ رهي ۽ مصيبت سهندو رهي، اهي زميندار هارين کي ٽورا هارڻي جا حق به ڏين لاءِ تيار نه آهن.

جيڪڏهن زميندار پنهنجي زمينداري برقرار رکڻ چاهين ٿا ته هنن کي ڊيڪٽرن ۽ مشينريءَ تي پروسو ڪرڻ گهرجي، بجاءِ ان جي هو هارين ۽ لئين ڪاميدارن کي زمين ڏيڻ جي مخالفت ڪن.

مقصد صرف پيسو ڪمائڻ جو نه هجي بلڪ عوام جي خوشحالي هڻڻ گهرجي.

ابتدائي سالن ۾ حڪومت جي آمدني البته گهٽ ٿيندي پر پوءِ جڏهن زمين کي آباد ڪيو ويندو جيڪي زمينون سندن پنهنجي ملڪيت ۾ هوندوون ته پوءِ عام قومي دولت به وڌندي ۽ سرڪار لاءِ دل به وڌندي ۽ اسان جا قومي مسئلا پڻ حل ٿي ويندا.

هندن جون جڏيل زمينون

سڄيءَ دنيا ۾ آبادگارن ۽ زرعي مزدورن کي سرڪار ياران صنعتي، سرمائيدار ۽ وياجخور طبقن کان حفاظت جي ضرورت ٿيندي آهي.

زراعت کي پنهنجي اهميت آهي ۽ اها نه فقط قومن جي کاڌ پيت جي ضرورتن پوري ڪرڻ لاءِ بلڪ سندن صنعتي زندگيءَ لاءِ به بنيادي حيثيت رکي ٿي هن ڪري سمورن ترقي يافته ۽ غير ترقي يافته ملڪن ۾ سرڪاري قانون جي ذريعي، آبادگار طبقن لاءِ خاص سهولتون ۽ بچاءُ ميسر ڪيا ويندا آهن ـ اهڙن فائديمند قانون بغير زراعت ترقي نه ٿي ڪري سگهي ۽ آبادگارن جي فائدي ۾ حڪومت طرفان اهڙين رياعتن هوندي به آبادگار هميشه سرمائيدار ۽ وياجخور کان پوئتي پئي رهيو آهي.

سند ۾ به اهڙي ئي منٿئين صورتحال آهي، سنڌ ايامن کان زراعتي ملڪ رهيو آهي، جيئن موهن جي ڏڙي جا آثار ٻڌائين ٿا.

انگريزن جڏهن اٺويهين صديءَ جي وچ ڌاري سنڌ، مسلمان تالپر حڪمرانن کان کسي ان وقت سنڌ جي زرعي زندگي مٿان سنڌ جي مسلمانن جو قبضو هئو. هندو اڪثر واپاري طبقي جان تعلق رکندڙ هئا.

انگريزن هر حربو استعمال ڪيو تہ سنڌ جي مسلمانن جي طاقت گهٽ ٿئي ۽ هنن هندن کي مختلف طريقن سان فائدا ڏنا. سنڌ جي هندن انگريزن جي سرپرستيءَ جو پورو فائدو ورتو ۽ ويهين صديءَ جي شروعات ۾ هو ملڪ جي اندر ڏاڍا طاقتور ٿي ايريا، هو زميندار ٿيا، سرڪاري نوڪري ۾ جوابدار عهدن تي رهيا. حقيقت ۾ هنن نئين حڪومت سان پورو تعاون ڪيو ۽ هنن سان ٺهڪي ويا.

ٻئي طرف مسلمان هر طرف گهاڻي ۾ ويا. سندن زوال ۽ [نباهي] اڃان بہ وڌي، جڏهن "ملن" طرفان فتوا صادر ڪئي ويئي تہ هو انگريزي تعليم ۽ مغربي تهذيب کان پري رهن.

سنڌ ان وقت بمبئي صوبي سان گڏ هئي جنهن ڪري بمبئي صوبي ۾ هندو اڪثريت جو وڏو حصو هئڻ سبب سنڌ جا هندو بہ ان گهٽائيءَ جو فائدو ونڊي ۱۹۲۰ع ڌاري هندو "واڻيو" [وياج خور] طبقو ۽ هندو "عامل" [سرڪاري عهديدار] طبو ايترو زور وٺي ويا جو هو ٻهراڙيءَ ۽ شهري ايراضين جا گهڻي پاڳي مالڪ بنجي ويا.

ان وقت تائين انڊين نئشنل ڪانگريس ايڏو تہ طاقتور سياسي جماعت ٿي چڪي هئي جو انگريز سامراج لاءِ سخت خطرو بنجي چڪي هئي، جيتوڻيڪ ڪانگريس ۾ ڪيترائي مسلم سياستدان بہ هئا تنهن هوندي بہ اها جماعت انگريزن جي نظر ۾ هندو اڪثريت جي نمائندہ هئي. انگريز حاڪمن تنهن ڪري پنهنجو سات سنڌ ۾ [۽ پوري ملڪ ۾] مسلمانن کي آپاڻ ۾ ڏنو.

انهن سموريين سرڪاري همٿ افزائين جي باوجود جيڪي انگريزن ڪانگريس جي مقابلي ڪرڻ لاءِ مسلمانن کي ڏنيون، پر هندن تڏهن بہ پنهنجي ترقي جاري رکي، هڪ انگريز آفيسر ايڇ- ايس- ڪورٽن (آئي- سي ايس) بمبئي سرڪار کي پورن اڪن اڪرن سان رپورٽ پيش ڪئي تہ الڪل ۳۰ سيڪڙو زمين مسلمانن جي هٿن مان نڪري چڪي آهي ۽ هـن نشاندهي ڪئي هئي تہ جيڪڏهن اها ڪارگذاري بنا روڪ ٽوڪ جاري رهي تہ آئندہ ڏيهن چاليهن سالن ۾ هندو سنڌ ۾ سموري زمين جا مالڪ ٿي ويندا ۽ مسلمان فقط هي يار و مددگار هاري ٿي ويندا.

انهن مايوس ڪندڙ انديشن سبب مسلمان دانشور طبقي ۾ سخت خطرو جاڳايو. سنڌ جي مسلمانن، سنڌ کي هڪ جدا صوبو بنائڻ جي گهر ڪئي. ورهين جي جدوجهد کان پوءِ انگريز حڪومت سنڌي مسلمانن جي اها گهر قبول ڪئي ۽ ۱۹۳۶ع ۾ سنڌ کي هڪ جدا مڪمل صوبو ڪيو ويو.

سنڌ جي جدا صوبي ۾ مسلمانن جي زبردست اڪثريت هوندي بہ مسلمانن جون زمينون هندن جي هٿ چڙهنديون رهيون.

۱۹۴۰ع ۾ سنڌ صوبائي اسيمبليءَ هڪ بل پاس ڪيو، جيڪو پنجاب جي انتقال اراضي واري قانون ۱۹۰۲ جي طرز تي هو، جنهن موجب ويساخجور طبقي طرفان هڪ خاص ڪارروائي يعني آبادگارن کان ناحق ڦهليل زمينون واپس ڪرڻ لاءِ انتظام ڪيل هو.

هر ڪنهن کي خبر آهي تہ پنجاب ۾ برطانوي انتظاميہ طرفان آبادگارن کي بچاءُ ڏيڻ لاءِ خاص انتظام ڪيل هو، جو تہ انهن آبادگارن مان ٿي اڪثر انگريزي فوج لاءِ پرتي ٿيندا هئا. ڪوبہ غير آباد شخص آبادگار کان زمين خريد ڪري نٿي سگهيو ۽ جيڪڏهن ڪابہ زمين اهڙي خريد ڪيل هئي تہ اها واپس آبادگار کي ملڻي هئي.

سنڌ ۾ ان قسم جو کوبہ قانون کونہ هو.

سنڌ ۾ ان قسم جو صرف هڪ ئي قاعدو هو جيڪو بمبئي سرڪار طرفان پاس ڪيل هو. اهو قاعدو هو "دکن آبادگارن لاءِ رعايت جو انڪٽ ۱۸۷۹ جو جيڪو سنڌ سان ۾ لاڳو ڪيو ويو هو. پر هن قانون جو اثر سنڌ ۾ بلڪل ابتڙ ٿيو. واڻيون هتي زمين قطئي وڪرو ڪري خريد ڪندو هو. جتي صرف زمين گروي رکڻ جو معاملو هو. وياج خور طبقو اڇا ۾ وڌيڪ هيڻي ۽ ظالم ئي ٿيو. قاعدي مطابق آبادگار کان ڇهه سيڪڙو وياج وڌ ۾ وڌ ونڻو هو، پر وياج خور روپئي تي آنو هر مهيني تي ونڊندو هو يعني ۷۵ سيڪڙو هر سال. اهڙا ۾ واقعا هڪا ڏتي چار سؤ سيڪڙو يا ان کان مٿي ۾ وياج ورتو ويو. پاڪستان کان اڳ جا سول ڪورٽن جا رڪارڊ اهڙن مثالن سان ڀريا پيا آهن. سنڌ جي ايڪسمبرڊ کاتي جا رڪارڊ ۾ اهڙن مثالن سان ڀريو آهن جتي وياج خور طبقي جي ماڻهن سنڌ جي زميندارن جـون هزارين ايڪڙ زمينون ڦڪيءَ ۽ جعلسازيءَ ذريعي حاصل ڪيون، حقيقت ۾ اهي ئي حالتون هيون جن سنڌ جي ماڻهن کي پاڪستان تحريڪ لاءِ آماده ڪيو.

سنڌ جو انتقال اراضيءَ جو بل سنڌ جي عوام جي گهر سبب پاس ڪيو ويو هو ۽ اميد ڪئي پئي ويئي ته جن مسلمان زميندارن کي ڦريو ويو هو تن کي اهي زمينون قانوني جانچ کان پوءِ واپس ملنديون.

اهو بل پاڪستان جي گورنر جنرل جي حيثيت ۾ قائداعظم جي منظوري لاءِ موڪليو ويو هو، پر قائداعظم اهو بل منظور نه ڪيو.

پـاڪستان بـعـد

پاڪستان قائم ٿيڻ بعد جڏهن هندستاني مسلمان مهاجر ٻڌجي لڏي سنڌ ۽ پاڪستان جي ٻين حصن ۾ اچڻ لڳا ته صورتحال بدلجي ويئي.

مهاجر سمجهڻ لڳا ته هو هندن جي ملڪيت جا وارث آهـن جنهن ۾ مقامي ماڻهن کي ڪوبہ حق نه آهي.

هندن جيڪي ڪجهہ مقامي مسلمانن کان وڏن وياجن ذريعي ڪوڙن حسابـن ذريعي ۽ ڦڪي ذريعي هڪ صديءَ جي انگريزي حڪمراني ۾ حاصل ڪيو هو، ڦريو هو جنهن کي قانوني زبان ۾ "چوري ٽيل ملڪيت" سڏڻ ڪپي تنهن کي "ڪسٽوڊين کانو" سـڏي "مال غنيمت" ورهائڻ لاءِ فقط مهاجرن کي حقدار ۽ سوزون سمجهيو ويو.

اسانجا مهاجر پائر ان "چوريءَ جي مال" جي شوق ۾ هندن جا جاءِ نشين ٿيڻ ڏاڍا گهرن ۽ پاڻ کي هڪ جدا طبقو شمار ڪرڻ گهرن ٿا، انهن مان کي سنجيدگيءَ سان اها دعويٰ ڏاڍا ڪن ته پاڪستان سندن خدمتن ۽ قربانين جي نتيجي ۾ ٻڌو آهي، تنهن ڪري هو ئي پاڪستان جي دولت جا حقدار آهن، خاص ڪري ان دولت جا جيڪا هندن هتي ڇڏي آهي. هي اشراف خودغرضي سبب اهو به قبول نڏا ڪن ته سنڌ جي ماڻهن ۽ ٻين علائقن جي ماڻهن به پاڪستان لاءِ قربانيون ڏنيون آهن ۽ خدمتون ڪيون آهن. هو پوري بنياد کي وساري صرف مٿينءَ عمارت

جي هڪ حصي تي نظر رکن ٿا، مسلمان اڪثريت وارن صوبن ۾ انهن جي ماڻهن کانسواءِ به سنڌ، پنجاب، بينگال، سرحد، بلوچستان جي بنياد کانسواءِ پاڪستان بابت سوچڻ ۽ ان کي حاصل ڪرڻ ناممڪن ڳالهه آهي.

مهاجرن کي ورسائڻ جي شوق ۾ اسان جا مرڪزي اختياريءَ وارا مڪاني ماڻهن کي پريشان ۽ بي گهر ڪري رهيا آهن. جنهن ڪري اهي بدقسمت ماڻهو پنهنجي ئي سر زمين تي مهاجر ٿي ويا آهن!

براڄ جون رد ٿيل گرانٽون

مرڪزي اختياريءَ وارن جي تعصبي هلت- انهن حڪمن مان ظاهر آهي جيڪي هنن هندن کي ڏنل سرڪاري گرانٽن متعلق ڪيا آهن. گرانٽون جيڪي هندن کنيون هيون پر قسطون پوريون نه پرڻ سبب رد ٿيل آهن.

عام قاعدو اهو آهي ته جيڪڏهن (هندو يا مسلمان) کوهه سرڪاري کنيل زمين جون قسطون نڪو پري (جيڪي اڪثر ڪري ڏهه قسطون آهن) ته اها زمين سرڪار کي واپس ٿي ويندي آهي، گرانٽ رد سمجهي ويندي آهي ۽ پريل قسطون سرڪار وٽ ضبط سمجهيون ويندیون آهن. اها زمين وري ٻين گهر ڪندڙن لاءِ کلي ويندي آهي.

هاڻي حقيقت اها آهي ته ڪيترن هندن سرڪار کان براج اپراضيءَ جون زمينون ورتيون هيون ۽ ڪجهه قسطون پريون هيون، باقي قسطون هنن کي پريون هيون. پاڪستان ٿهڻ بعد ڪيترا هندو گرانٽدار هليا ويا ۽ ڪيترين ئي گرانٽون قسطن نه پرجڻ سبب رد ڪيون ويئون. شروع ۾ اهي رد ڪيل زمينون مڪاني ماڻهن ۽ ٻين کي رواجي شرطن تي وڪرو ڪيون پي ويئون. ان طريقي ڪري وڏيڪ زمين آبادي هيٺ آئي ڪاڏي جي ٻيداوار وڏي ۽ سرڪار جي آمدنيءَ ۾ به "مالڪاني" جي رقم ملڻ سبب واڌارو ٿيو ۽ ڏيل ٻ. وڏي.

اوڇتو ئي مرڪزي سرڪار وٽان حڪم نامو پهتو ته هندن جون رد ڪيل گرانٽون مهاجرن لاءِ مخصوص ڪيون وڃن، ۽ انهن کي سرڪاري زمين ڪري نه شمار ڪيو وڃي ۽ نه وڪرو ڪيو وڃي!

هي حڪم هندو چڏي ويلن لاءِ همدرديءَ جو نتيجو نه هٿا نڪ جيڪڏهن هو ڪنهن وقت واپس آيا ته زمينون کين موڪلي ڏيبون، جيڪڏهن ڪو مسلمان گرانٽ واربن قسطون نه ڏئي سگهي ته زمين سرڪار کي واپس ملي وڃي ئي. گرانٽيءَ جي زمين به رد ٿي وڃي ٿي ۽ ڏنل قسطون به ضبط ۽ زمين وري وڪري لاءِ کلي وڃي ٿي، ساڳيا ئي حڪم هندو ڪٽت دارن لاءِ آهن جيڪي اڃا به هتي ويٺا آهن ۽ نان-اوڪيو آهن، وڏ ۾ وڏ مرڪزي سرڪار کي ڪرڻ گهربو هو سو اهو ته چڏي ويل هندن جون ادا ڪيل قسطون هو ڪسٽوڊين ڪاتي کي ڏيارين ها، رد ٿيل گرانٽون کنهن به صورت ۾ سرڪار کي واپس ٽيڻ گهرجن ها ۽ انهن جو وڪرو جاري رهڻ گهربو هو.

متيزءَ حرڪت سبب الڪل پنج لک ايڪڙ ڪارائتي زمين جيڪا رد گرانٽن جي آهي اها غيرآباد رهي آهي ۽ انجي ترقي ٿي نٿي سگهي، اها زمين نڏڪي ۽ اڻ وڪرو ٿيل آهي ۽

انجي حالت خراب ٿي وئي آهي.

اناج جي موجوده صورت کي ڏسڻي حڪومت جي اها نيتي افسوسناڪ آهي چوته رکو گذريل سال ۾ ۸۱ ڪروڙ رپين جو اناج باهرين ملڪن مان درآمد ڪيو ويو هوا

هندن جا وکرا رد

مٿين ناجائز هڙپ کندڙ حڪمن مٿان وري مرڪزي اختياريءَ وارن ڪسٽوڊين کاتي طرفان حڪم ڪيڊا ته جون ۱۹۴۷ع کانپوءِ جڏهن زمينون هندن مسلمانن کي وڪيون آهن اهي وکرا ناجائز سمجهيا وڃن. جيستائين ڪسٽوڊين کاتو انهن جي تصديق ڪري ۽ اهڙا وکرا به رد ڪيا ويا آهن جڏهن رجسٽر ٽيل هئا.

پاڪستان بڻجڻ کان اڳ سنڌ ۾ اها رسم هئي ته وکرو ڪندڙ، مختيارڪار يا هيڊمنشيءَ اڳيان بيان ڏيندو هو ۽ مختيارڪار يا هيڊمنشي انجي تصديق ڪندو هو ۽ رڪارڊ ۾ مالڪي جي ڦيري لاءِ اهو بيان ڪافي هو، انهن بيانن سبب سرڪار کي ڪلين ۽ رجسٽريءَ جي فين جو گهاڻو هو ۽ عوام جي سهوليت کي ڏسندي حڪومتون اهو برداهت ڪندڙون هيون. ان رسم موجب ڪيترن هندن مسلمانن کي زمينون وڪيون هيون جن جي تصديق گزيٽيڊ آفيسرن طرفان ڪيل هئي.

ڪسٽوڊين کاتي اهڙا سمورا وکرا رد ڪيا جن ۾ زمين هندن طرفان مڪاني مسلمانن کي وکرو ڪيل هئي. جيتوڻيڪ اهي وکرا حقيقي هئا ۽ اڪثر اهي بي زمين هارين کي ڪيل هئا يا نندن کاتيدارن کي ڪيل هئا جن جي زمين اڪثر پنجن يا ڏهن ايڪڙن کان به گهٽ هئي.

ان غلط طريقي اختيار ڪرڻ سان نه صرف مڪاني مسلمانن جي جائز حقن کي ڇيهو رسيو بلڪ (هندوستان ويل هندن جي ملڪيت ۾ اضافو ڪري) پاڪستان ۽ هندوستان ۾ ڇڏيل ملڪيتن بابت ناهم کي اڃا به وڌيڪ مشڪل بڻائي ڇڏيو. پر ان جو خيال مرڪزي اختياري وارن کي ڪونه هو. هنن ڇڏيل ملڪيتن کي ان لاءِ ئي وڏايو جيئن اها مهاجرن کي ڏيئي سگهجي. ۽ وري وسائڻ ۽ ورهاست جو سمورو ڪم ۽ انجي باري ۾ انصاف روءِ فيصلو ڪرڻ جو سارو بار مهاجر ۽ پنجابي آفيسرن تي رکيو ويو آهي، سنڌي آفيسرن کي بلڪل صفائي سان ان ڪم کان الڳ رکيو ويو آهي.

مٿين طريقي اختيار ڪرڻ سان مرڪزي اختياري وارن ڇاڻي واڻي يا اڻڄاڻي ۾ پر يقيني طرح قوم اندر هڪ ئي قوم پيدا ڪري رهيا آهن، هڪ قوم کي ٻيءَ خلاف پيدا ڪري رهيا آهن اڳي مسئلو هوندو هو هندو ۽ مسلمان جي مقابلي جو ۽ هاڻي اهو مڪاني ماڻهن ۽ مهاجرن جي مقابلي جي شڪل اختيار ڪري رهيو آهي.

اسلام، مذهب ۽ اسلامي برادريءَ جا جذبات ختر ٿي رهيا آهن ۽ انهن جي جاءِ سماجي اقتصادي مفادات وٺي رهيا آهن.

اهي سماجي اقتصادي مفاد ٿي هئا جن سنڌ جي مسلمانن کي بمبئيءَ کان جدائيءَ جي گهر لاءِ ايارڻو هو ۽ اهي ساڳيائي سبب هئا جن پاڪستان کي ضروري ۽ ممڪن بڻايو. اهي

ساڳيا سبب آهن جن ڪري سنڌ جو عوام پنجاب ۽ سنڌ کي هڪ ڪري ون يونٽ ڪرڻ جا مخالف آهن.

هاري ۽ ڇڏيل ملڪيتون

اها مشهور ڳالهه آهي ته هندو جيڪي زمين ڇڏي ويا سي زميندار، واپاري ۽ وياجخور طبقو هئا، هاري طبقي جا ماڻهو مسلمان هئا، هندو هتان هليا ويا پر ڪوبه خال ڪونه ڏيو.

سکر براج جي واهن جي رٽيل پاڻيءَ جو وهڪرو ڪل ۴۵۰۰۰ ڪيوسيڪ آهي، ڪوٽڙي براج اڃا باقاعدگي سان هلڻو آهي. ان پاڻي تي محدود آبادي ٿي ممڪن آهي جيڪا (سارين واري زمين کان الڳ رکي) پنجاهه سيڪڙو هر سال ٿي سگهي ٿي پر حقيقت ۾ ڪن ايراضين ۾ صرف ويهه سيڪڙو آهي. جيڪڏهن ته واهن جي پڇڙين تي. سنڌ کي مينهن جي پاڻيءَ جي مدد نالي ماتر آهي، سنڌ جون زمينون ڪارائيون آهن ۽ سڀ جي لهول وڏڻ سبب آسانجون زمينون اڃا برڪت پيدا ڪري رهيون آهن. اِهي آهن صحيح حقيقتون جن طرف امريڪي حڪومت جي زرعي صلاحڪار جان بيل تازو زوردار ڌيان ڇڪايو آهي. مٿين پس منظر ۾ اڄو ته ڏسون ته مرڪزي اختياريءَ وارن ڪهڙي ريت اسانجي هارين جي مسئلي کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، پاڪستان قائم ٿيڻ بعد.

اڏو - اڏ

مسٽر غضنفر علي خان جيڪو پاڪستان جي پهرين وزارت واري ڪابينا جو وزير هو، تنهن ۱۹۴۷ع ۾ اعلان ڪيو ته سمورين ڇڏيل زمينون مهاجرن کي الاٽ ڪيون وڃن ۽ جيڪڏهن ڪابه زمين بچي ته اها مقامي هارين کي الاٽ ڪيون وڃن.

انوقت سنڌ سرڪار قائم هئي ۽ زنده هئي ۽ مرڪزي سرڪار جي تازو ئي ميزبانيءَ جو شرف حاصل ڪري چڪي هئي ۽ مرڪزي سرڪار اڃان ملڪ تي حڪمراني ڪرڻ جي فن ۾ نئين هئي، تنهن ڪري سنڌ جي وزير اعليٰ انوقت مسٽر غضنفر علي خان جي حڪم جي ردعمل ۾ هڪي همٿ پيريو اعلان ڪيو ته ڇڏيل زمينون قبضيدار مقامي هارين کي الاٽ ڪرڻ گهرجن ۽ جيڪڏهن ڪابه بچت زمين رهي ته اها مهاجرن کي ملڻ کپي

سنڌ سرڪار ۽ مرڪزي سرڪار جي ان اختلاف راءِ کي بنهي حڪومتن هڪ ڌاهه ڪري ختم ڪيو، جنهن مطابق سنڌ جون ڇڏيل زمينون مڪاني هارين ۽ مهاجرن جي وچ ۾ اڏو اڏ جي حساب سان ورهائڻ جو فيصلو ڪيو ويو.

هارين ان حڪم کي ان ڪري قبول ڪيو جو سندن اڳواڻن هنن کي صورتحال هيٺين ريت سمجهائي:-

پاڪستان کان اڳ جيڪو هاري ۱۲ ايڪڙ آباد ڪندو هو سو سموري پيدائش جو اڏ هندو زميندار کي ڏئي باقي اڏ پاڻ ڪندو هو، هاڻي هاريءَ کي ڇهه ايڪڙ الاٽ ٿيڻ سان هيو ٻي ياڳا پاڻ ڪندو ۽ باقي ڇهه ايڪڙ مهاجرن کي ملندا، ان ڪري هاريءَ جو حصو پاڪستان

کان اڳ جهڙو رهندو. پر هن کي انهن ڇهن ايڪڙن جي دل ۾ ليز مني ڏيڻي پئي پيئي. هاريءَ اها رٽ پاڪستان جي منفاد ۾ قبولي ۽ هندو زميندار جي ڏاڍ مڙسي ۽ استحصال، بيگر، وڏن وياجن جي عيوض هن کي پنهنجو معاوضو ڪري سمجهيو. هارين محسوس ڪيو ته اڳي کين پيدائش جي بٽئي ملندي هئي پر پاڪستان هاڻي کين زمين جي بٽئي ڏني آهي.

هو خوش هئا ته پاڪستان جنهن لاءِ هنن ووٽ ڏنا هئا ۽ جدوجهد ڪئي هئي سو قائم ٿي چڪو هو ۽ خوشحالي ۽ آزاديءَ جو ڏڻون دور هنن اڳيان هو، هنن اميد پئي ڪئي ته جلد ئي الاٽ ٿيل زمينون [اٽ ايڪڙ في ڪٽنب ساريال زمين ۽ بارهن ايڪڙ خشڪ زمين] هنن کي پڪي طرح ڏيون ويندون ۽ سولين قسطن ۾ ان زمين جو مالڪاڻو ڪائن ورتو ويندو. اهڙي طرح حقيقت ۾ هندن جي ڇڏيل ۲۵ لک ايڪڙ زمين تان زميندارياءَ جو خاتمو اچي وڃي ها ۽ زرعي سڌارن جي نقطه نگاه کان اهو هڪڙو وڏو قدم ٿئي ها.

مرڪزي سرڪار حڪم ڪيو ته مڪاني الاٽمينٽ ڪميٽيون قائم ڪيون وڃن جنهن ئي مهاجر هاري ۽ مڪاني هارين کي عيوضي طور ڪنيو وڃي، جيڪي هڪٻئي ۾ ناهه جي بنياد تي پنهنجي ڏرين جي وچ ۾ الاٽمنٽ ئي سگهي.

الاٽمنٽ ڪميٽيءَ جي فيصلي خلاف هڪ ڪميونل کي اپيل جو فيصلو ڪرڻ جو حق ڏنو ويو، جنهن ئي مڪاني ڊپٽي ڪليڪٽر ۽ ڊپٽي ريهيبليٽيشن ڪمشنر يا ويلفيئر آفيسر مقرر ڪيا ويا، پر هوءَ مقاني ڊپٽي ڪليڪٽرن کي ڪميونل سان ڪيو ويو.

اصولن ڇڏيل زمين مڪاني ۽ مهاجر هاريءَ جي وچ ۾ اڏو اڏ جي بنياد تي ٽيٽي هئي پر ڪمشنرن ئي طريقن سان مهاجرن کي ترجيح ڏني وئي:-

[۱] مهاجر کي هڪ دفعو ڏنل الاٽمنٽ رد ٿي ٿئي سگهيو. جيتوڻيڪ اها بيقائدي ڏني وئي هجي.

[۱۱] گوٽن، ريلوي اسٽيشنن ۽ وڏن شهرن جي چوڌاري زمينون مهاجرن کي ڏنيون ويون ۽ مڪاني هارين کي بيدخل ڪيو ويو.

[۱۱۱] باغن واريون زمينون سموريون ئي مهاجرن کي الاٽ ڪيون ويون جنهن جي نتيجي ۾ ڪيئي وڏا باغ پوري سنياڻ نه هئڻ سبب تباهه ٿي ويا.

الڪل اٽ لک ايڪڙ ڇڏيل زمين هارين کي الاٽ ڪئي وئي هئي ۽ ايتري ئي اراضي مهاجرن کي الاٽ ڪئي وئي هئي، باقي رهيل ڏهه لک ايڪڙ ڇڏيل زمين جي باري ۾ ڪو فيصلو نه ٿيو آهي، ڇو ته اها اهڙي حالت ۾ نه آهي جو ڪوبه الاٽي ان کي تقاوي بيج ۽ بيءَ مدد ڪانسواه آباد ڪري سگهي.

هاڻي مرڪزي سرڪار هڪ ڏک سان هارين کي ڏنل الاٽمينٽون رد ڪرڻ جو حڪم ڪيو آهي ساڳي وقت انهن مهاجرن جا الاٽمينٽس رد ڪيا ويا آهن جن ووٽ هندستان ۾ ڪاميابي زمين ڪاڻ هئي، هي سڀ ڪجهه انڌاڌند ٿي رهيو آهي ته اهي مهاجر جيڪي هندستان ۾ زميندار هئا انهن کي پنهنجي ڪليمن جي پورت ڪري ڏجي.

هر ڪنهن کي خبر آهي ته هندستان ۾ زميندار شاهي ڏري گهٽ ختم ٿي چڪي آهي،

زمينداڑ جون زمينون هارين کي ڏنيون ويون آهن، جيڪڏهن مهاجر زميندار هندستان ۾ رهندا اچن ها ته سندن زمينون پين هندو ۽ مسلمان زمينداڑن وانگر اتي جي هارين ۾ ورهائجي وڃن ها. عيوض ۾ هارين کان يا حڪومت کان هنن کي ويهن يا پنجويهن فسطن ۾ ٿالي ماٽر عيوضو ملي ها (جهڙيءَ طرح پارت ۾ ٿي رهيو آهي) هي شريف ماڻهو جوکي پڪستن پارت ۾ وڃائين ها سو هاڻي پاڪستان ۾ حاصل ڪري رهيا آهن، هندو زمينداڑن جي جاءِ تي [مهاجر] نوان مسلمان زميندار ٿيڻ چاهين ٿا.

بي زمين مهاجر هارين جون زمينون رد ڪرڻ ۾ ظلم آهي. غريب بي زمين هاري مهاجرن ۽ پاڪستان لاءِ وڏيون قربانيون ڏئي چڪا هئا. بنسبت زمينداري ڪلاس جي مهاجرن جي، هنن غريب مهاجرن کي پاڪستان سرڪار جي همدرديءَ ۽ مدد جي وڏيڪ ضرورت هئي. هنن ڪو حق وڏيڪ زوردار هو چو ته هو الاٽ ٿيل زمين پنهنجي هٿن سان آباد ڪري رهيا هئا.

هنن غريب مهاجر هاري الاٽين کي يقين هو ته پاڪستان ۾ ڏهه سال هنن وٽ ڪجهه زمين هئي جنهن مان هو گذارو ڪري رهيا هئا [في کتب الڪل بارهن ايڪڙ] هاڻي جڏهن سندن الاٽمنٽ رد ڪيا ويا آهن ته يا ته هنن کي مهاجر زميندارن وٽ هارپ ڪرڻي پوندي جنهن ۾ هنن کي اڳئين الاٽمنٽ واري زمين جي پيدائش جو صرف اڌ ملڻ جو حق هوندو [پيو اڌ مهاجر زميندار کي ٻئيءَ ۾ ملندو] يا مهاجر زميندار کين زمين مان بيدخل ڪري ڇڏيندو جو ته اسان وٽ ڪوبه اثرائتو هارپ جو قانون ڪونهي.

مهاجر زمينداڑن جي ڪليمن پوري ڪرڻ لاءِ مهاجر ۽ مڪاني آبادگارن کي وسائڻ جي پوري رٽ کي ردیءَ ۾ اڇليو ويو آهي.

ڪليمن جو ثبوت

هاري اهڙن مهاجرن سان گڏ رهن ٿا جن هندستان مان اچڻ بعد چيو ڦٽي ته هنن وٽ هندستان ۾ ڏهه يا پندرهن ايڪڙ زمين هئي ۽ هاڻي اهڙن ماڻهن کي واهن تي آباد ٿيندڙ ڏيهه يا چاليهه ايڪڙ زمين ڪليمن ۾ ڏني وڻي آهي.

عام طرح چيو وڃي ٿو ته جن مهاجرن وٽ سچو رڪارڊي ثبوت پنهنجن ڪليمن لاءِ نه آهي ته هنن کي پنهنجا ڪليم قسم نامي تي داخل ڪرڻ جي اجازت ڏني وئي ۽ اهڙن قسم نامن جي بنياد تي کين سند ۾ زمينون ڏنيون ويون.

ڪوڙن قسم نامن ۽ ڪوڙهن شاهدن جي بنيادن تي زمينون هڙپ ڪرڻ اسانجي عام ماڻهن جي ڪمزوري آهي. سوچي سگهجي ٿو ته هن طريقي سان ڪليم آفيسرن ظرفان ڪيڏي وسيع پيماني تي بدعنوانيون ڪرڻ لاءِ رستو کوليو ويو آهي. هڪ سو رپين جي رشوت وٺي هو هزارن جي زمين اهڙن ماڻهن کي ڏئي سگهن ٿا جن کي ان لاءِ ڪو حق ناهي. زمينداريءَ جي خاتمي جو ذڪر ڪجي ٿو ته ڪليمدار کي افسوس ٿئي ٿو چو ته سندن نئين وطن اولهه پاڪستان ۾ هو مڪاني ماڻهن کي زمينداريءَ جا پورا حق استعمال ڪندو ڏسن ٿا. هو هن زمينداري برادريءَ ۾ شامل ٿيڻ چاهين ٿا، بجاءِ انجي جو هو عوام جي ان عام گهر سان سات ڏين. ته جاگيرداري دور جي هن خلافات کي ختم ڪيو وڃي. سرڪار سولائيءَ سان قومي مفاد ۾ هندن جي ڇڏيل ملڪيت

کي قومي ملکيت ۾ وڃي سگهي ٿي ۽ نيٺ آخر مڪاني زمينداران جو وارو اچي ها. تبديليون سڀني هڪ وقت نه ايندڙيون آهن بلڪ ڪمزور جوڙ پهرين لٽندا آهن. سنڌ هاري ڪميٽي هرطرح سان ڪوشش ڪري رهي آهي ته مڪاني زمينداريءَ کي به گهٽايو ۽ ختم ڪيو وڃي.

خانگي زمينون

آڪٽائي سماج ۾ سموري زمين قوم جي ملکيت ۽ پوري قوم انکي پنهنجي فائدي لاءِ ڪتب آڻيندي هئي ۽ شخصي ملکيت وارا حق زمين تي ڪونه هئا.

جيئن سماج ترقي ڪئي ۽ مختلف طبقن ۽ نسلن طبقاتي مفادن ۾ ورهائجي وئي تڏهن رياستي طاقت جو انتظام وجود ۾ آيو.

رياست ۽ انجي انتظاميه قوم جي فقط هڪ ننڍڙي حصي تي حڪمراني ڪن ٿا پر اهي پاڻ کي پوريءَ قوم جي طاقت ۽ حاصلات جو مجسمو سمجهن ٿا ۽ اهڙي طرح هو پوريءَ قوم جي معاملات تي قبضو رکن ٿا.

صنعت ۽ حرفت، سائنس ۽ تعليم جي ترقيءَ سان عوام جي طاقت به، وڌي ۽ رياستي مشينري وڌيڪ وسيع بنيادن تي قائم ٿيڻ لڳي جنهن ڪري اڄ جمهوريت جو مطلب اسانجي روز جي سياسي زندگيءَ ۾ اهو ورتو وڃي ٿو ته عوام جي حڪومت عوام جي ذريعي ۽ عوام لاءِ آهي.

اقتدار اعليٰ جو اڳي بادشاهن ۽ فاتحن وٽ هو سو اڄ عوام وٽ آهي.

فتح ڪرڻ ڪانپوءِ بادشاهه پوريءَ زمين جي ملکيت جا حقدار سمجهيا ويندا هئا ۽ اهي پنهنجي مرضيءَ مطابق زمين کي زميندارن ۽ جاگيردارن ۾ ورهائيندا هئا ۽ اهي پنهنجي رعيت کان زمينون کسي سگهندا هئا.

اهڙيءَ طرح زمين جي خانگي ملکيت جو سرشتو وجود ۾ آيو.

هاڻي جڏهن اقتدار اعليٰ عوام جي هٿن ۾ اچي چڪو آهي تڏهن عوام کي ئي هن پوري زمين جو مالڪ سمجهڻ گهرجي.

اقتدار اعليٰ جو وڏي ۾ وڏو ڪم قانون ٺاهڻ ۽ ملڪ جي سمورن زميني ذريعن جي ملڪيتن جو حق رکڻ. قانون ٺاهڻ جو اختيار هاڻي عوام کي آهي جيڪي وقت به وقت چونڊيل آئين ساز (قانون ساز) ادارن جي چونڊيل نمائندن ذريعي استعمال ڪري سگهن ٿا.

جيڪڏهن هي نمائندا چاهين ته بنا ڪنهن عيوض يا ناليواري زميندارياڻي ختم ڪري سگهن ٿا. اهو عوام جو جمهوري حق آهي جنهن کي مذهب جي نالي ۾ نظر انداز يا رد نٿو ڪري سگهجي. سوال اهو آهي ته عوام بحيثيت مجموعي ايڏا طاقتور ٿين جو پنهنجا صحيح نمائندا چونڊين جي سندن راءِ، رضا مطابق ڪم ڪن، هن وقت ٽائين عوام جي اڪثريت کي هيٺ رکيو وڃو آهي.

سڄيءَ دنيا ۾ هاري جماعتن زمينداريءَ جي خاتمي لاءِ آواز ٻڌي اٿاريو آهي ۽ سوشلسٽ

ملڪن جهڙو، سوويت يونين ۽ چين وغيره ۾ زميندارين ختم ٿي چڪي آهي.

سنڌ هاري ڪميٽي، سنڌ ۽ پاڪستان ۾ زميندارين جي خاتمي لاءِ سرگرم رهي آهي. اميد ڪرڻ گهرجي ته هاري جيڪي ووٽ جا حقدار آهن ۽ جيڪي ووٽرن جو پنجهتر سيڪڙو آهن اهي، زميندارين جو خاتمو آڻي ڇڏيندا.

في الحال ڪيهه لک ٻي زمين هارين مٿان ٿي هزار وڏا زميندار مسلط آهن ۽ سنڌ جي قسمت جا مالڪ آهن ۽ هاري بدترين غريبي، ليڪ غلامي ۽ عذاب جي حالتن ۾ مبتلا آهن.

حڪمران طبقن کي تاريخ مان سبق سکڻ گهرجي.

جيڪڏهن ڪنهن به سرڪار کي ڪابه طاقت يا اختيار آهي ته اهو عوام جو اختيار ۽ مفاد ٿي ٿي سگهي ٿو، عوام جو مفاد تقاضا ڪري ٿو ته زميندارين هڪدم ختم ڪئي وڃي، زميندارين جي خاتمي سان اسانجا اڪثر قومي مسئلا حل ٿي ويندا، زرعي ترقي زور وٺندي، اسان جي الاڄ جي پيداوار وڌندي، اسانجي صنعت ترقي ڪندي، اسانجي قومي آمدني وڌندي ۽ پاڪستان پنهنجي عظمت ۽ اهميت ۾ واڌارو ڪندو، جنهن جو هو حقدار آهي ، ۽ پاڪستان هر جارحيت ۽ اندروني انتشار کان آجو رهندو ۽ ڪيس غير ملڪي امداد ۽ هٿيارن ٿي پارڻ جي ضرورت نه پوندي.

اسان جي حڪومت جو فرض آهي ته هڪدم زميندارين جي خاتمي جي طرف وک وڌائين. اسان جي حڪومت کي گهرجي هاري جماعتن ۽ سنڌن اڳواڻن کي دعائن ڇڏي ڏين. چو ته اها ڪالهه قوم، سماج ۽ جمهوريت جي خلاف آهي.

نتيجو-

مٿئين بحث مباحثي بعد ڪجهه عملي اصول ۽ رٿون عوام جي پلي لاءِ حڪومت کي پيش ڪجن ٿيون.

سائنس جي هن دور ۾ ترقيءَ لاءِ اڄ ٽين ڪل ضروري آهي ، ڪهٽ ۾ ڪهٽ پنجن سالن کان اڳ ۾ صحيح ترقي ٿيڻ مشڪل آهي، پين ملڪن ۾ پنج سالين رٿائون ڪامياب نتيجن سان پيش ڪيون ويون آهن.

بد قسمتي سان پاڪستان جي ڏهه ساله زندگيءَ ۾ ڪابه خاص ڪاميابي نه حاصل ٿي آهي.

هيو اصول ته:- انساني بنيادي ضرورتون پهرئين پورين ڪيون وڃن ۽ تنهن کانپوءِ ٿي راحت ۽ عياشيءَ جي سامان لاءِ سوچيو وڃي.

ٻيون اصول:- ته قوم جي مفاد کي شخص ۽ شخصن جي مفاد کان برتر رکيو وڃي.

چوٿون اصول:- ملڪ جا سمورا ذريعا معدني ۽ انساني عوام جي پلائي ۽ مفاد لاءِ استعمال ڪيا وڃن، ان مقصد لاءِ پوري قوم جي وسيع ترين سهڪار لاءِ ڪوشش ڪرڻ کپي

۽ ان سهڪار حاصل ڪرڻ لاءِ پارٽي بازي ۽ تعصب کان ڪنارو ڪرڻ گهرجي.

ملڪ جي هڪ عام شهريءَ جي حيثيت ۾ ۽ عوام جي خدمتگار ۽ دوست جي حيثيت ۾ مان هي تجويزون پيش ڪريان ٿو. ڪن ڪي هي عملي نظر نہ ايندڙن، ڪن ڪي اهي طرفداري تي مبني نظر ايندڙن، پر مان ايمانداريءَ سان پنهنجي راءِ پيش ڪرڻ جو حق رکانٿو، جهڙيءَ طرح. ٻيا انهن خلاف پنهنجي راءِ رکڻ جا حقدار آهن، پل تہ بحث مباحثو ٿئي ۽ آخر ۾ مان اميد ڪيان ٿو تہ ڪجهہ چڱو نتيجو بر آمد ٿيندو.

(الف) سرڪاري زمينون :-

پهريون : ڪوڙي پراڄ جي زمين کي مختلف ڪلاسن ۾ ورهايو وڃي جيئن، سڪر پراڄ جي زمين کي سنڌ سرڪار جي ماهرن زمين جي خصلت پتاندر اي - بي - سي ڪلاسن ۾ ورهايو هو ۽ ان جي قيمت بہ ان آهر مقرر ڪئي هئي، نہ تہ بہ زمين جو نيڪال ايمانداري ۽ انصاف جي بنياد تي نہ ٿي سگهندو.

(ٻيو) :- ٻيلن ۽ سرڪاري فارمن لاءِ مخصوص ٿيل زمينن کي ڇڏي سموريون سرڪاري زمينون هارين کي هارپ - گرانٽس جي بنياد تي وڪرو ڪيون وڃن. اهڙين زمينن جي ورهاست ۾ مڪاني ماڻهن کي اولهت ڏني وڃي. جن جون ڇڏيل ملڪيتن جون الاٽون رد ڪيون ويون آهن.

(ٽيون) :- سرڪار کي هاري شرطن تي حاصل ڪيل زمين جي مالڪن کي سهڪاري زراعت لاءِ سموريون ممڪن سهوليتون ۽ رعايتون ڏيڻ گهرجن ۽ ڊريڪٽر ۽ ٻيون سائنسي سهوليتون ڏيڻ گهرجن.

(چوٿون) :- ڪنهن بہ صورت ۾ زمينن کي نيلام ذريعي وڏي ۾ وڏي واڪ ڏيندڙ کي ڏيڻ جي بالڪل اختيار نہ ڪئي وڃي جهڙيءَ طرح هن وقت ٽائين پنجاب ۾ ٿيندو رهيو آهي. هن طريقي سان هڪ نئون ڪٽر زميندار طبقو وجود ۾ اچي ويندو.

[ب] ڇڏيل زمينون :-

هندن جي هتان لڏي وڃن جو پورو فائدو ونڊ گهرجي ۽ اهو اهڙيءَ طرح تہ سموريون ڇڏيل زمينون قومي ملڪيت ۾ ورتيون وڃن ۽ انهن کي اهڙيءَ طرح ورهايو وڃي جيئن سرڪاري زمينن جي ورهاست لاءِ مٿي تجويز ڏني آهي. هنن زمينن جي نيڪال ۾ هيٺين اصولن کي لحاظ ۾ رکڻ گهرجي :-

[۱] مڪاني ماڻهن کي ڪابہ تڪليف ڏيڻ نہ گهرجي انهن کي آڻي ٻي رکڻ گهرجي جتي هو آهن، انجو مطلب اهو آهي تہ الاٽن رد ڪرڻ وارا حڪم واپس ورتا وڃن، ائن سالن کان جنهن بہ هاريءَ کي ڪابہ زمين الاٽ ٿيل آهي تہ اها کيس هارپ - گرانٽس ۾ ڦيرائي ڏني وڃي، [۽ مالڪاڻو وصول ڪيو وڃي].

[۲] مهاجر ڪليم دارن کي وڏ ۾ وڏ هارهن هزار روپيا ڪليم ۾ ڏنا وڃن.

[ت] خانگي زمينون :-

[۱] خانگي زميندارون گهٽائي پنجويهه ايڪڙ موڪي يا ان جيتري زمين هر ڪنب وٽ ڇڏي وڃي.

[۲] هارين جو قانون پاس ڪري هارين کي هارپ جو پڪو حق ڏنو وڃي، ڪنهن به هاريءَ کي سواءِ ڪورٽ يا عدالتي فيصلي جي هاريو نه ڪسيو وڃي.

[۳] غير ملڪين جو چاهه وڇار هجي پر هاري ڪم ڪندڙن مٿان ظلم ۽ دباءُ ختم ڪيو وڃي.

۲۷ جولاءِ ۱۹۵۷ع
حيدرآباد سنڌ

حيدر بخش جتوئي



شمع وانگر ڪو بري رات گذاري ته سهي

يار جي ليٽن ڏي اڄ ڪوئي نهاري ته سهي
دل ناشاد جي الفت کي وساري ته سهي

مون فقط هن جي ئي محفل ۾ گذاريون راتيون
آهي ڪو يار سان هڪ رات گذاري ته سهي

دل اسان جي به جلي ٿي غم دوران مگر
شمع وانگر ڪو بري رات گذاري ته سهي


ڪجهه ته دل حبهه وطن سان اسين سرشار ڪريون
مصطفيٰ پنهنجو ڪو اڄ حال سنواري ته سهي

[مصطفيٰ حيدر جتوئي]

مصطفيٰ حيدر جتوئي، ريڊيو پاڪستان ڪوئٽه تان تقرير ڪري رهيو آهي



مصطفيٰ حيدر جتوئي پنهنجي بيگم گل بانو ۽ پٽن سان
ساڄي کان حيدر بخش جتوئي ۽ کاپي کان مجتبيٰ حيدر جتوئي






مصطفيٰ حيدر جتوئي ۽ گل بانو پٽن سان، جناب غلام مصطفيٰ جتوئي سنڌ جي چيف منسٽر سان گڏ



مصطفيٰ حيدر جتوئي، بابائي سنڌ ۽ ڊاڪٽر رضي الدين صديقي سابق وائيس چانسلر سنڌ يونيورسٽي سان گڏ



مصطفيٰ حيدر جتوئي، جناب محمدامين کوسي (مرحوم) ۽ ڪامريڊ جمال الدين بخاريءَ سان ڪڏ



مصطفيٰ حيدر جتوئي، بلوچستان جي سابق گورنر نواب اڪبر خان بگٽيءَ سان ڪڏ

ڪامريڊ غلام حسين سوهرو

مصطفيٰ حيدر جتوئي

مصطفيٰ حيدر جتوئيءَ جي ولادت شهر ڀڳري ضلع ٿرپارڪر ۾ ۱۹۳۳ع ۾ ٿي. ٻاٻائي سنڌ ان وقت ڀڳريءَ ۾ تعلقہ مختيارڪار ۽ فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ هو. شاديءَ ڪان پوءِ ٻاٻائي سنڌ جو هيءُ پهريون فرزند هو.

مولوي عبدالڪريم لغاري، جيڪو ٻاٻائي سنڌ جو پائٽرن وانگر ياڻ آهي، انهيءَ مونکي ٻڌايو تہ جنهن وقت مصطفيٰ حيدر جي ولادت ٿـــي. انهيءَ مهل ڪامريڊ ۽ سندس بيگم نهايت خوش ٿيا هئا.

مولوي صاحب اهو به ٻڌايو تہ جيترو به وقت ڪامريڊ ڀڳريءَ ۾ رهيو، مصطفيٰ حيدر جي ڀرووش وغيره منهنجي ٻوڙهيءَ گهر واريءَ جي حوالي هئي. منهنجي گهر واريءَ ڪيس پنهنجي اولاد وانگر سنياليو ۽ اسان کي هن سان پنهنجي اولاد کان وڌيڪ پيار هوندو هو.

مصطفيٰ حيدر جتوئي کي مون پهريون ڀيرو ان وقت ڏٺو، جنهن وقت سندس عمر ۶-۷ سال مس هئي، هو ان وقت حيدر منزل جي گهر واريءَ ڏاڪڻ تان ڪاڏيءَ جي سفيد نڪر ۽ قميص سان ٽپڪا ڏيندي هيٺ لهي رهيو هو، مان ڏاڪڻ جي هيٺ بيٺل هوس، لهندي چيائين: "چاچا سلام" سندس چاچا سلام وارا پيارا لفظ اڄ به مون کان ڪٿا وسرن، مون چيو، "موندر" بابا گهر آهي، جواب ۾ ڪنڌ لوڏي ها ڪيائين. [گهر ۾ سڀ پيار مان ڪيس موندر سڏيندا هئا].

ايڏيءَ ننڍيڙيءَ عمر ۾ به چالاڪ ۽ هوشيار هو، هيءُ ۽ ماڻ جو سڀني بي انتها پيار هو، سندس سنيال ۽ تعليم تي خاص خيال رکيو ويندو هو.

ننڍي هوندي شرارتي به هوندو هو، مگر اڄ ڪلهہ جي ٻارن وانگر نہ، جو ٽوري ڏڙڪي ڏيڻ تي الٽو گارڪند ڪن.

مونکي هاري آفيس ۾ ڪم ڪندي، وقتي وقتي تمام گهڻو تنگ ڪندو هو. مان جڏهن لاچار ٿيندس. ۽ ڪن ڇڪڻي ڏڙڪو ڏيندو هوس، "موندر" هاڻي مارکائيندي، بس هڪدم خاموش ٿي ٽنگ ٽنگ ٽني چاڑهي ۽ ۾ پيل ڪرسيءَ تي ويهي رهندو، مان جڏهن سندس منهن ڏانهن نهاريندس تہ چپن تي سهڻي مرڪ پيدا ڪري اهڙين محبت پرين اکڙين سان نهاريندو هو، جو دل کي گهائي وجهندو هو. ٻوءِ مان کيس چار آڻ هٿ تي ڏکندس ۽ پيار سان چوندس "پٽ" وڃي ٽڻ ڪر، ڪرسيءَ تان اٿ مهل ڪلي "چاچا سلام" چئي ڊوڙي هليو ويندو هو.

سکول ۽ ڪاليج ۾ پڙهائي ۾ پورو ڌيان ڏيندو هو، تنهن ڪري سکول ۽ ڪاليج ۾ هوشيار، چالاڪ ۽ بااخلاق-شاگرد ڪري ليکيو ويندو هو، گهمڻ ڦرڻ جي عادت ياڻ ۾ پيدا نہ ڪيائين، استادن جو سڀائين ادب ڪندو هو، اهوئي سبب هو، جو استاد ۽ پروفيسر کيس پيار ڪندا هئا.

شاگردي جي زماني ۾ سندس لاڙو شعر و شاعري سان رهندو هو، ڪافي شعر، رسالن

۽ اخبارن ۾ شايع ٿي چڪا آهن.

بي- اي- آنرس ۽ ايل- ايل- بي جي ڊگريءَ واري بعد پاڻ پنهنجي ابتدا صحافت جي ڏنڊي سان شروع ڪيائين، هوشياري، قابليت ۽ ديانتداري سان صحافت جي فن ۾ وڏو مقام حاصل ڪري ورتائين ۽ سندس نالو ملڪ جي برک صحافين جي لسٽ ۾ شمار ٿيڻ لڳو.

بابائي سنڌ ۽ سندس بيگم کي مصطفيٰ جي شاديءَ جو خيال ٿيو، يارن دوستن، پاڙي وارن تي گهر گولڻ جو ڪم رکيو ويو، آخر ۾ جناب شيخ عبدالمجيد سنڌي ۽ جناب سرائي اميد علي مرحوم جي ڪوشش سان سندس شادي سنڌ جي مشهور شاعر ۽ اديب ڊاڪٽر محمد ابراهيم "خليل" جي نياڻيءَ گل بانوءَ سان ٿي.

مونکي اها گهڙي ۽ جاءِ، اڄا به بلڪل ڇڪيءَ طرح ياد آهي، جڏهن ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي، سندس ڀاڻو ميان خدا بخش خان جتوئي (جيڪو هن وقت هڪ سؤ سالن جو آهي)، ميان احمد بخش خان جتوئي، ڪوٽ مصطفيٰ حيدر ۽ مان وڪتوريا گاڏيءَ ۾ چڙهي ڪوڪر محلي، ڊاڪٽر صاحب جي گهر واريءَ جاءِ تي نڪاح لاءِ پهتا هئا.ون، جتي جناب ڊاڪٽر صاحب، شيخ عبدالمجيد سنڌي، سرائي اميد علي مرحوم، ڊاڪٽر صاحب جا پٽ ۽ نڪاح پڙهڻ وارو مولانا صاحب موجود هئا.

مولانا صاحب نڪاح نامو جا فارم پرڻ شروع ڪيا، جڏهن مهر واري خاني تي پهتو، تڏهن ڊاڪٽر صاحب کان مهر متعلق پڇيائين ته ڪهڙو لکان، ڊاڪٽر صاحب جڏهن مولانا صاحب کي مهر جو الگ ٻڌايو، تنهن وقت ڪامريڊ، هڪ وڏو ٽهڪ ڏنو ۽ چيو ته- ڊاڪٽر صاحب! منهنجي پٽ کي ملڪيت مان ايترو حصو ئي ڪونه ملندو جيترو مهر آهي. اِتي کلن جا ٽهڪڙا شروع ٿي ويا، چاڪاڻ ته ٻئي وڏا شاعر هئا، کل خوشيءَ ۾ مهل ۽ موقعي جا به-ا، شعر به پڙهي ويا ۽ مولانا صاحب کي چيائون ڪر بسم الله!

مصطفيٰ حيدر جتوئيءَ شاديءَ کانپوءِ جلد ئي سينٽرل گورنمينٽ جي اطلاعات کاتي ۾ انفارميشن آفيسر مقرر ٿيو، آخر ۾ ترقي ڪري بلوچستان حڪومت وٽ ڪوئٽ ۾ ڊائريڪٽر انفارميشن ۽ پروٽوڪول مقرر ٿيو.

مصطفيٰ حيدر جتوئي ۽ گل بانو جو پاڻ ۾ وڏو قرب، محبت ۽ پيار رهيو ۽ حياتيءَ تائين ڪڏهن به هڪ ٻئي کان ڌار نه رهيا، پر اولاد جي نه ٿيڻ سبب ٻئي کافي مايوس رهندا هئا.

بابائي سنڌ جي وفات بعد سندس پاڻ مظهرعلي خان جتوئي جي گهر ۾ فرزند جائو، جنهن جو نالو حيدر بخش جتوئي رکيو ويو، هار ۵-٦ مهينن جو مس ٿيو ته مظهر علي خان ۽ سندس بيگم اهو نذيرو ڪامريڊ، مصطفيٰ ۽ سندس زال جي حوالي ڪري سنڌن مايوسيءَ کي ختم ڪري ڇڏيو، جنهن ڪري هنن جي زندگي خوشگوار ماحول ۾ تبديل ٿي ويئي ۽ هار جي پرورش پنهنجي اولاد کان به وڌيڪ ڪئي ۽ ايترو پيار ۽ محبت ڪئي جو اڄ هو پنهنجي پيءُ- ماءُ کي به نڙو سڃاڻي جيڪڏهن کنهن کي سڃاڻي ٿو، ته مصطفيٰ کي بابا ۽ گل بانو کي پنهنجي ماءُ سمجهي ٿو. اهڙي خوشگوار ماحول هڻڻ سبب قدرت مٿس راضي ٿي ۽ سندن گهر روشن ٿيو ۽ گل جهڙو پٽڙو جائو جنهن جو نالو مجتبيٰ حيدر رکيو ويو.

مصطفيٰ حيدر جتوئي جي وفات وقت مجتبيٰ حيدر جي عمر ٣ سال ۽ حيدربخش جتوئي

جي عمر ٦ سال هئي، هن وقت اهي ٻئي ٻار ٻنهنجي ماءُ گل بانوءَ وٽ آهن. جيڪي هن وقت سندس زندگيءَ جو آخري سهارو آهن.

ٻاباڻي سڏ جي وفات بعد مصطفيٰ حيدر کي ڳوٺ بکو ديرو جي جتوئي برادريءَ طرفان پگ ٻڌائي ويئي، دستار بندي جي تقريب ۾ جتوئي برادريءَ کان سواءِ هاري ليڊرن، عوامي رهنمائن ۽ معزز شهرين کان سواءِ وڏن آفيسرن به شرڪت ڪئي.

مصطفيٰ حيدر جتوئي، جيڪي به حياتيءَ جا ڏينهن باقي زنده رهيو، انهي ۾ راج پاڻ جا فيصلا ايمانداري ۽ انصاف سان ڪندو هو، انهيءَ سلسلي ۾ ڪنهن جي به سفارش وغيره نه ٻڌندو هو ۽ همت سان پنهنجا ڪيل فيصلا مڃائيندو هو.

مصطفيٰ حيدر جتوئي به پيءُ وانگر انسان دوست هو ۽ انسان ذات سان محبت ۽ پيار ڪندو هو پنهنجي هارن، پاڙن، دوستن، احبابن سان همڪ وڏي قرب سان پيش ايندو هو.

مصطفيٰ حيدر جتوئي ڪنهن سرڪاري ڪم سان ڪوئٽه کان ڪراچي پهتو، جتي ڪيس دل جي تڪليف ٿي، ڊاڪٽرن جي مشوره سان ڪجهه وقت ڪراچيءَ ۾ علاج ڪرائي، ڪوئٽه پهتو، جتي ڪجهه وقت کان پوءِ مڙس ٻيو ڀيرو دل جو حملو ٿيو، ڪيس اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو، چاڪ ٿي وڃڻ بعد ڊاڪٽرن جي صلاح سان موڪل ورتائين ۽ ڳوٺ حيدرآباد پهتو. ڊاڪٽرن جي صلاح سان وري ڪيس سول اسپتال حيدرآباد ۾ دل جي اسپيشل وارڊ ۾ علاج لاءِ داخل ڪيو ويو، جتي سندس باقائدگيءَ سان علاج ٿيندو رهيو

اسپتال ۾ بيماريءَ وقت سان وڻس گهٽو رهندو هوس، مون کڏهن به ڪيس مايوس نه ڏٺو، سدائين کلندو رهندو هو. وفات واري ڏينهن ۲۴ مئي تي مان، مظهر علي خان ۽ سندس بيگم گل بانو وڻس موجود هئاسون. اهو ڏاڪيم صبح جو ۱۰ بجي جو هو، تمام خوش هو، مگر اوچتو ئي اوچتو ۴ بجي شام کان سندس طبيعت خراب ٿيڻ لڳي، ڊاڪٽر آيا، دوائون ٿيون، بچائڻ لاءِ هر ممڪن وسيلا اختيار ڪيا ويا، مگر ڪوبه فرق نه ٿيو. آخر اها به گهڙي آئي جڏهن ڏسندي ڏسندي هو اسان سڀني کان همڪ لاءِ موڪلائي ويو.

عظيم ٻيءُ جو هيءُ عظيم فرزند هن وقت حيدرآباد شهر جي مشهور قبرستان امبدن پرڻي ۾ دفن آهي.

حاجي عبدالمجيد لغاري مسڻ وڏي

آديسي اُٿي ويا

بابائي سنڌ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جي وڏي فرزند مصطفيٰ حيدر جتوئي کي ٢٤ مئي ١٩٧٦ع تي وفات ڪئي هوندا هئا. هن مهينا ٿيندا.

٢٤ مئي اپل. ايم. سي سٽي حيدرآباد جي اسپتال ۾ مصطفيٰ حيدر جتوئي رات جو ١٢ بجي سدا ڪلندڙ ۽ مرڪندڙ چهري سان پنهنجن پائرن، دوستن، احبابن ۽ پارڙن کان هميشه لاءِ جدا ٿي ويو.

اهڙي طرح مرحوم پنهنجي دوستن، عزيزن، معصوم پڇن کي هميشه لاءِ داغ جدائيءَ جو ڏيئي، رباني راه وٽي روانو ٿيو.

منهنجي اکين اڳيان ان مهل اونداه ڇائنجي ويئي ۽ بي حال ٿي ويس، ٻئي پاسي سندس پائرن ۽ سندس بيگم جي حالت اهڙي ٿي ويئي جو روئي روئي بي حال ٿي ويا.

مرحوم جو لاش بروقت اسپتال مان ڪڍائي حيدر منزل تي آندو ويو. لاش جي گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو. سندس وفات جي خبر سڄي شهر ۾ پکڙجي ويئي. دوست، احباب، جوق در جوق حيدر منزل تي اچڻ لڳا، اهو نظارو نه برداشت ڪرڻ کان ٻاهر هو.

مرحوم جي جنازي کي هڪ وڏي جلوس ۾ امبدن پرئي قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو.

مرحوم جي بي وقتي ۽ جواني جي موت نه رڳو سندس پائرن ۽ عزيزن کي پر سڄي سنڌ کي سخت صدمو پهچايو آهي.

مصطفيٰ حيدر جتوئي جي وفات تي نه رڳو سنڌ پاڪ بلوچستان ۽ پاڪستان جي رهنمائن ۽ صحافي حلقن ۾ گهري رنج جو اڄ تائين اظهار ڪيو پيو وڃي.

مصطفيٰ حيدر جتوئي کي اسان کان ايترو جلد ۽ اوچتو الڳ ٿيڻ نه ڪپندو هو. بس ڇا ڪجي! رب جي رضا تي راضي ٿي رهڻو پوي ٿو. سندس وفات کي سال گذريو آهي، ليڪن اڄ به سندس عزيز، دوست، پائر ۽ احبابن جون اکيون گوڙهن سان پرينل آهن.

مصطفيٰ حيدر جتوئي، پوڻان هڪ گلاب جهڙو حسين پٽڙو ۽ نيڪ سيرت ٻيو ۽ چار پائر ڇڏيا آهن.

بابائي سنڌ ١٩٣٣ع ۾ جڏهن ڊگهڙي ۾ مختيارڪار هو. ان وقت ٢٣ مئي ١٩٣٣ع ۾ مصطفيٰ حيدر جي ولادت ٿي، تعجب آهي سندس وفات جي تاريخ ۽ مهينو به ساڳيون آهي.

مصطفيٰ حيدر جتوئي پنهنجي عملي زندگي جو آغاز حيدرآباد مان صحافي جي حيثيت ۾ ڪيو. سنڌي، انگريزي ۽ اردو اخبارن جو نمائندو پڻ رهيو ۽ بعد ۾ قومي خبر رسان ايجنسي يو-پي-آءِ ۽ ريڊيو پاڪستان سان به وابسته رهيو. مصطفيٰ جتوئي باقاعدگي سان اڄ کان سورهن سال اڳي انفارميشن ڊپارٽمنٽ ۾ بطور انفارميشن آفيسر مقرر ٿيو، ٽورن سالن اندر هو پنهنجي لياقت ۽ هوشياري سان ترقي ڪري ڊائريڪٽر آف پبلڪ رليشن گورنمنٽ بلوچستان مقرر ٿيو، جنهن عهدي تي وفات تائين فائز رهيو.

مصطفيٰ حيدر جتوئي ۽ کي صحافت جي پيشي اختيار ڪرڻ ۽ ڏاڍن-ون تڪليفون درپيش آيون ۽ بلوچستان گورنمنٽ ۽ وچ ڪانپوء هن جيڪا پنهنجي صلاحيت ۽ قابليت سان مشڪل وقت ۾ صوبي بلوچستان جي خدمت ڪئي، اها تاريخي حيثيت رکي ٿي. سرڪاري نوڪري ۾ هن به ڀاڻ کي سندس والد وانگر نهايت ئي برجستو ۽ ايماندار آفيسر ثابت ڪيو.

مصطفيٰ حيدر جتوئي کي شاگردي جي زماني ۾ پنهنجي پيءَ سان گڏ هڪ دفعو کڻي حڪومت جمل ۽ ٻن موڪليو هو. هو هڪ سٺو شاعر هو. سندس تخلص "آنش" هو، سندس ڪافي شعر اخبارن ۽ رسالن ۾ چپيا رهن ٿا. سندس ساڄڻي طبيعت ۽ دلانداري ڪري، پوري پاڪستان جي صحافي برادري ۽ عوام ۾ وڏي عزت جي نگاه سان ڏٺو ويندو هو.

مصطفيٰ حيدر جتوئي جي وفات وقت عمر ۴۳ سال هئي. پنهنجي والد صاحب جي وفات کان پوء ڪيس ڪوٽ ڪبير ديرو جي جتوئي برادريءَ پڳ پڌائي ۽ پنهنجو پڳدار تسليم ڪيو. پڳداريءَ جي نقريب حيدر منزل حيدرآباد ۾ ٿي، جنهن ۾ سنڌ هاري ڪاميٽي جي مڪيه ليڊرن ۽ ورڪرن ڪانسواء ان وقت موجود آفيسرن ۽ معزز شهرين ٻڌ شرڪت ڪئي.

مصطفيٰ حيدر جتوئي جڏهن وقت زنده رهيو. پنهنجي والد محترم وانگر هميشه مسڪين مائهن جو گهڻو خيال رکندو هو، هر ممڪن سندن مدد ڪندو رهندو هو ۽ پنهنجي ڳوٺ ۾ جڏهن به راڄداري جا فيصلا ڪيا سي انصاف پسندي جو هڪ مثال آهن ۽ پنهنجي والد مرحوم جي چڏيل اڌوري ڪم، يعني ڳوٺ ڪوٽ ڪبو ديرو جي سامهون حيدر جتوئي نالي سان ريلوي اسٽيشن قائم ڪرايائون. مٽس ڪنهن جو به روب ناب نه هلندو هو، بنا ڊپ ڀاڻ جي پنهنجي ڳالهه چئي ڏيندو هو، سڀني سان محبت ۽ خلوص سان ملندو رهندو هو. ۽ ڪنهن به مائهو جي گلا ڪرڻ جي سنجهس عادت نه هئي، سندس زبان مان ڪڏهن به ڪنڌا الفاظ نه نڪرندا هئا. مصطفيٰ حيدر جتوئي مون سان ڏاڍو پيار ڪندو هو ۽ منهنجو وڏو احترام ڪندو هو، سندس اهي مهربانيون ۽ پيار مون کي زندگي پر ياد رهندا.

مصطفيٰ حيدر جتوئي جي وفات کان پوء هن وقت ڳوٺ ڪبي ديرو جي جتوئي برادري جي پڳداري جا فرائض في الحال سندس ٻيو نمبو ڀاڻ جناب مظهر علي خان جتوئي صاحب انجام ڏيئي رهيا آهن، جيستائين سندس ننڍڙو فرزند مجتبيٰ حيدر وڏو ٿئي. منهنجي دعا آهي ته مظهرعلي خان جتوئي به ٻاڻائي سنڌ ۽ مصطفيٰ حيدر جتوئي جي نقش قدم تي هلي پنهنجي راڄ پاڪ ۽ سنڌ جي ماروئڙن جهانگڙين جي پرپور نموني سان خدمت ڪندو رهندو.

مصطفيٰ حيدر جتوئي چيو ـــــ

بارهين سندي ادبي ڪانفرنس سال ۱۹۵۱ع هوسٽيل هال حيدرآباد.
صدارت: جناب مخدوم محمد زمان "طالب المولي" صاحب
انهيءَ موقعي تي شعر پڙهڻ کان اڳ، شاعرن، ادبين ۽
دانشورن کي ڪيل خطاب.

رفيقو!

هي شعر منهنجي انقلابي جذبات جي ترجماني، پاسباني ۽ روائي ظاهر ٿو ڪري. جيتوڻيڪ مان چاڻان ٿو ته منهنجو شعر ايترو فصيح ۽ بليغ نه هجي ۽ ڪنهي علم-عروض جي غلطي هجي ناهر آءٌ سمجهان ٿو ته منهنجي زبان عوام جي زبان مان جهومي گهائيندي.

منهنجي نظم ۾ لطافت، ظرافت، فصاحت، بلاغت جي ڪمي شايد هجي ته به منهنجا باغي احساس عوام جي دلين تي چائنجي گهيرو ڪندا.

ترقي پسند اديبن ڏانهن!

همنوا رفيقو!

اسين ماحول جي نهايت نازڪ دور ۾ پنهنجي قلم کي هلائي رهيا آهيون. مونکي يقين محڪم آهي ته اسان جو هر دوست هن زماني جي گردش کي نهايت غور و خوض سان سمجهي پنهنجي هٿيار کي جنگ باز خلاف ڪم آڻيندو ۽ سمجهان ٿو ته منهنجا هم راه "امن" کي برقرار رکڻ لاءِ شديد ۽ جديد ڪوششون ڪندا.

دوستو! دنيا هينئر هن حصن ۾ ورهائجي چڪي آهي. هڪ طرف امن پسند عوام قوت آهي ۽ ان جي برخلاف ٻئي طرف استعمار پرست ذلت آهي. اسان کي گهرجي ته اسين پاڻ کي امن پسند قوت بڻاوون ۽ امن پسند عوامي قوت سان شامل ٿي، ان مورچي سان ملي وڃون.

"عوام ڏانهن"

دوستو!

هڪ گالهه جا واضح ڪرڻ ڪهندي هٿي سا رهجي وئي آهي. مون کي خوشي ٿي آهي جو منهنجو "شعر" سليس ۽ سولو آهي ناهر سندم قوم جا هزارين نوجوان، ٻيا، پيڙهون، امير و غريب، چوڪرا ۽ چوڪريون منهنجي ڪلام جي لذت، جدت، رنگيني، ظرافت ۽ فصاحت کي ڪونه سمجهي سگهندا، تنهن ڪري ضروري آهي ته شعر جو اختصار نثر ۾ پيش ڪريان.

اختصار

ڏسو!

هن ڪائنات جي ڪنڊ ڪڙ ۾ ڪو اهڙو گلستان جاودان نه هوندو جو جهان ڏسي حيرت

۽ پنجي وچي. اسان هن زماني جي هر فرد ۽ لالائ ۽ گلزاري ڏس جا خواهان آهيون ۽ چاهيون ٿا ته هي جي ٻلائ اسان جي قوم ني پنهنجو نمرودي هٽ گهمائي وئي آهي سا دور ٿئي ۽ هر ٻچو ٻچو جهومي اٿي. هن موجوده دنيا کي جا هار سينگار جي لڳن ۽ لڳل آهي تنهن جون برون عادتون ختم ڪري انسان کي انسانيت جي صحيح ڪسوٽي ني پرکي خالص انسان بنايون.

اسان جي ڌرتي جنهن جا اسان شهري يا رهواسي آهيون. سا تباهي هرگز نٿي چاهي. ان جي برخلاف پاڻ تي آبادي شادابي ۽ گلزاري ڏس لاء منتظر آهي ۽ اها جگمگائيندڙ لافاني خوشي تڏهن ملندي جڏهن اسين "امن پسند" شهري بنباسين ۽ جڏهن اسين دنيا جي استعمار پرست ذلتن کي ختم ڪري دهر ۾ بابقا امن قائم ڪنداسين.

قريبو!

مان توهان کي وري به گذارش ڪندس ته "انسان ذات" جي پلائي خاطر سنده جان تائين به نچاور ڪريو، ۽ قلم کي اهڙي رنگيني ڏيو جنن توهان جو ڪلام نه رڳو عوام تي چائنجي وچي پر توهان جي لسان، عوام جي زبان بنجي. مان توهان کي يقين ٿو ڏياريان ته مان انسانيت، امن ۽ صداقت جي خدمت ڪرڻ لاء هردم تيار آهيان.

امن زنده باد! انسانيت پائينده باد!

آءٌ آهيان اوهان جو همدم
فقير شاعر ناقص "آتش"

مصطفيٰ حيدر بخش جتوئي "آتش"

آثار- بغاوت

مصرع طرح:- "قصئه منصور ٿي يا طور جو افسانو ٿي"

۱- اڄ ته ٽڪرائن ٿا ايوان حڪومت سان عوام،
اڄ ته آڏائن جي گردن ني به آيرن ٿا غلام،
اڄ ته آ خاڪ بسر ظلم و تشدد جو نظام،
اڄ ته شاعر جي زبان تي آ بغاوت جو پيام،
تون به باغي ٿي، بغاوت جو سگهو پيمانو ٿي،
قصئه منصور ٿي يا طور جو افسانو ٿي-

۲- دل جهو ته سندي پولي جو مصور آٿيان،
جهوپي گايان، نئون ادب ۾ ڪو مفڪر آٿيان،
جو نه اڄ تقرير لئي اعليٰ مقرر آٿيان،
يا ڪ دنيا جي ادبن ۾ تغير آٿيان،
ٿي مبصر ۽ بصيرت جو ملا ديوانو ٿي،
قصئه منصور ٿي يا طور جو افسانو ٿي-

٣- هاري کي حقدار ڪر، مزدور جو مٿانو ٿي،
ٿي شجاعت جو تون پتلو يا اصل بيگانو ٿي،
ڪ صداقت جو علم تون ۽ سنڌ ديوانو ٿي،
شمع آزادگي جو هان سدا پروانو ٿي،
ٿي ترانو هاري جو، مزدور جو مستانو ٿي،
قصئ منصور ٿي يا طور جو افسانو ٿي-

٤- دهر ۾ اڄ شمع مزدور جو پروانو ٿي،
روح کي راحت ملڻ لڳي يار جو ديوانو ٿي،
تون نه اڄ هڪ ٻي ٻها غربت سندو پيمانو ٿي،
ٿي 'امن' جو اڄ نه خواهان، 'امن' جو مستانو ٿي،
'امن' تان ڪر جان فدا ۽ 'امن' جو نذرانو ٿي،
قصئ منصور ٿي يا طور جو افسانو ٿي-

٥- قوم جي خدمت ۾ ڪر ۽ قوم تي احسان ٻي،
عظمت- مزدور ۾ آ، عظمت- دهقان ۾،
سرخ پرچم، در حقيقت عظمت انسان ۾،
عظمت انسان ٿين ٽان ٿي تون اڄ انسان ۾،
قصئ منصور ٿي يا طور جو افسانو ٿي
اڄ نه "آنش" تون سنڌ جمهور جو ڪاشيانو ٿي-



جشن بهار جو اهتمام ڪريو
سنڌ محبوب کي سلام ڪريو
آهي جي ديوار جين لنگهي وڃا
تن جي عزائم جو احترام ڪريو

"آنش"

مصطفيٰ حيدر جتوئي

غـــزل

بـــار جـــي نيئ ڏي اڄ ڪوئي نهاري تـــ سهي،
دل نـــاشـــاد جـــي الفت ڪـي وساري تـــ سهي-

ظلمت-شب ۾ ستارن کي نہ هو منهنجو خيال،
هڪ زماني ۾ هئي هـــن سان ملاقات، مگر،
اهڙي تنهائي ۾ ڪو سونڪي پڪاري ٿ سهي-
اُن کي ساري ٿ سهي، دل کي هو ساري ٿ سهي-
مون فقط هنجي ئي محفل ۾ گذاريون راتيون،
دل اسانجي به جلي ٿـي غم-دوران ۾، مگر،
آهي ڪو يار سان هڪ رات گذاري ٿ سهي-
شمع وانگر ڪو ٻري رات گذاري ٿ سهي-
هـــر طرف آهي نـراسائي، خموشي ۽ جمود،
ڪجهہ اڃا درد ڈي مون کي فلڪ-ناانصاف!
جان مـردن ۾ وجهي ڪوئي آڌاري ٿ سهي-
رنج و غم ۾ ڪوئي مجبور پڪاري ٿ سهي-
اي صنم ڪجهہ ٿ ڪشش، ڪا ٿ ادا تو ۾ هجي،
ظلم جي دور کان اڄ ڪوئي بغاوت ٿ ڪري،
ڪونہ ڪو مست ٿئي توڏي نهاري ٿ سهي-
قـــوم جـــو درد رکي تند تنواري ٿ سهي-

اهـــڙي ماحـــول ۾ اڄ ڪير وهـــي هئين خوش،
ظلم کي نـــاس ڪري حق کي پڪاري تـــ سهي-
ڪجهہ ٿ دل هب-وطن سان اسين سرشار ڪريون،
مصطفيٰ، سنڌ جـــو اڄ حـــال سنواري تـــ سهي-



آمريت کي نـــاز هـــو جـــن تي
اهـــي طلسمات اڄ ٽٽـي پـيـا
روح آدم جـــي عظمت جـــو قسم
اهـــل چمن جـــا غم ٽٽـي پـيـا

'آنش'

مصطفيٰ حيدر جتوئي 'آنش'

..... اي همدم

چئو پلا تنهنجو آهي ڪهڙو خيال اي همدم؟
پنهنجي محبوب وطن کي اسين برباد ڪريون؟
جتي معصوم نگاهن جا قرن جام هجوم،
جتي اميد، محبت جا ٿا ٻهڪن چهرا،
آدميت جا اشارا جتان هر پل ٻسجن-
ان کي خود غرض مفادات لاءِ قربان ڪريون؟
اي صنم، منهنجو انهي ڳالهه ۾ تون سات نه ڇڏ-
مان صلح ۽ امن جو شيدائي ۽ خواهان آهيان،
مون کي انصاف جو ڏسڻو آهي هت شان بلند،
مون کي هر چهري ۾ آ رنگ گلابي پرڻو،
سبز و شاداب ڏسڻ چاهيان ٿو مان پنهنجو وطن!
۽ ميٽائڻ ٿو گهران، جنهن کي چون رنج و محن-
اڄ، اي محبوب! محبت جو جهان اڄ جوڙيون،
عشق، آرام ۽ جنت جو نظارو جوڙيون-
ها، جتي ظلم جو ٻُوه ڪنهن کي ڪاڻ يي نه اڇي،
جتي انسان کان انسان نه بيزار هجي:
جتي رشوت جي لڳل گرم نه بازار هجي:
فڪر ۽ علم و ادب، فن جتي آزاد هجن،
جتي زنجير قلم تي ۽ زبان تي نه هجي،
جتي عصمت سندي عظمت رهي قائم دائم
چئو، اي محبوب! بدلبو نه هي ماحول خراب؟
جنهن ۾ انسان کي انسان ٿو پيڙي بيجا-
جنهن ۾ انصاف جي متي ٿي ٽڪي هر وقت پليد،
يي گناهن تي جتي ظلم و ستم آهي روا،
۽ جتي جُرم ۽ غداري آهي حُبِ وطن!
آڻ، هلي هاڻ، محبت جو نئون شهر ٻڌون-
جت نه بيڪار هجي ڪوئي، نه آزار هجي،
جت نه مجبور هجي ڪوئي، نه لاچار هجي،
تنهنجي چهري تي جا پيلاڻ رهي ٿي هردم،
وڃي تبديل ٿي لالاڻ ۽ گلگوني ۾:
تون سدا خوش رهين، مان توسان رهان خوش ڪڏهي،
ڪيڏي شاداب اها دنيا، اسان جي هوندي!



گروپ فوٽو - (ساڄي کان) اعجاز علي جتوئي، مصطفيٰ حيدر جتوئي، بابائي سنڌ کامريڊ حيدر بخش جتوئي، کامريڊ غلام حسين سومرو، هادي بخش جتوئي، الهداد خان (دادن) جتوئي، مظهر علي خان جتوئي ۽ مغل شيخ.

هي ڪتاب غلام حسين سومرو، جنرل سيڪريٽري سنڌ هاري ڪميٽي- شرف آرٽ پريس پائي خان چاڙهي حيدرآباد مان ڇپائي، هاري آفيس حيدرآباد مان شايع ڪيو.



بابائي سنڌ ۽ قائد عوام جناب ذوالفقار علي ڀٽو صاحب کنهن مسئلي تي مشوره ڪري رهيا آهن

پڑھندڙ نَسُل . پ ن

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين " اُداس نسلين" نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ "لُڙهندڙ نَسُل" نالي ڪتاب لکي پنهنجي دور جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ لکيو:

انڌي ماءُ جٽيندي آهي اونڌا سونڌا ٻار
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻار

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙ، ياڙي، ڪاڦُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان "پڙهندڙ" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، بين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيe-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌَڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) کا ٻه تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو ٻه صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نه آهي. جيڪڏهن ڪو ٻه شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو ته پَڪَ ڄاڻو ته اُهو ڪُوڙو آهي. نه ئي وري **پَنَ** جي نالي کي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو ته پَڪَ ڄاڻو ته اُهو ٻِه ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وٽن جا پَنَ ساوا، ڳاڙهَا، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا **پَنَ** ٻه مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وڙهندڙ ۽ پڙهندڙ ٻه ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾**پَنَ** ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نه آهي.

ڪوشش اها هوندي ته **پَنَ** جا سي ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي ته ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي ٻه ٿِين. اهڙي حالت ۾ **پَنَ** پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. **پَنَن** پاران ڪتابن کي ڊِجِيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو ٻه مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجِيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو ته يلي ڪمائي، رُڳو **پَنَن** سان اُن جو ڪو ٻه لاڳاپو نه هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي ته هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليڪڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٽائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن ٻه رُڪاوٽَ کي نه مجن.

شيخ اَيازَ علمَ، جاڻ، سمجهَ ۽ ڏاهپ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُکارَ سان تَشبيهه ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہ جِٽ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي تي جَڳَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ چُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهِ پهاڙ چُپن ٿا؛

... ...

ڪالهَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄ ڪلهه نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہ جِٽ گوريلا آهن.....

... ...

هي بيتُ اَتي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄاڻائي کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وجايو" ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَڻن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڻَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي چو، چالاءِ ۽ ڪينئن جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوڻ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪي پائي چيو تہ "منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ".

ـ ايا‌ز (ڪلهي پاتم ڪينرو)